ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94)   اڱارو 06 جنوري 2026ع 16 رجب المرجب 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 رپيا   شمارو (144)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

ڪراچي ۾ تباهي جو خطرناڪ منصوبو ناڪام، افغانستان مان آندل ٻه هزار ڪلو بارود هٿ، 3 دهشتگرد گرفتار

اعليٰ انٽيليجنس اداري جي اڻٿڪ ڪوشش سان قابل اعتماد معلومات تي بروقت ۽ فيصلو ڪندڙ آپريشن ڪان پوءِ ڪاميابي حاصل ڪئي وئي

ڪيترن ئي ڏينهن ۽ راتين جي سخت محنت ڪان پوءِ هڪ دهشتگرد کي گرفتار ڪيو ويو، پڇا ڳاڇا ڪان پوءِ ٻه وڌيڪ دهشتگرد سرگهيا ڪيا ويا: اي آءِ جي سي ٽي ڊي

دهشتگردن ۾ جليل احمد عرف فريد ، نياز قادر عرف فريد ، حمدان عرف ڪنگ، شهر ڪان 40 ڪلوميٽر پري هڪ گهر ڪرائي تي ورتو هو جتي بارودي مواد لڪايو ويو

انٽيليجنس ايجنسين مڪمل رازداري سان انساني ۽ ٽيڪنيڪل وسيلن ذريعي آپريشن ڪندي 30 ڪان وڌيڪ پلاسٽڪ ڊرم ۽ پنج ڏاتو گيس سلينڊر ۾ بارودي مواد هٿ ڪري ورتو

بارودي مواد افغانستان ڪان بلوچستان ۽ پوءِ ڪراچي آندو ويو، نيٽ ورڪ پاڙيسري ملڪن مان هلايو پئي ويو، هندستاني مفادن لاءِ ڪم ڪندڙ دهشتگرد گروپ منصوبي ۾ شامل آهن

بارودي مواد کي حب جي علائقي ۾ محفوظ طور تي ناڪارہ بڻايو ويو، قانون لاڳو ڪندڙ ۽ انٽيليجنس ادارا دهشتگردي جي پاڙ پٽڻ لاءِ پرعزم آهن: ذوالفقار لاڙڪ / ڪيپٽن (ر) غلام اظفر مهيسر

ڪراچي (بيورو رپورٽ) انٽيليجنس ۽ قانون نافذ ڪندڙ ادارن جو هڪ ٻئي وڏي ڪاميابي، ڪراچي ۾ دهشتگردي جو خطرناڪ منصوبي جو انڪشاف ٿيو آهي ڪيترن ئي هفتن تائين هلندڙ هڪ تمام پيچيده ۽ پيشيور انٽيليجنس آپريشن ڪان پوءِ ڪاميابي حاصل ڪئي وئي جنهن ۾ اعليٰ انٽيليجنس اداري جي اڻٿڪ ڪوشش جي نتيجي ۾ قابل اعتماد معلومات تي بروقت ۽ فيصلو ڪندڙ ڪارروائي ڪئي وئي ڪارروائي ۾ 2,000 هزار ڪلوگرام ڪان وڌيڪ ڌماڪيدار مواد هٿ ڪيو ويو ايڊيشنل آءِ جي سي ٽي ڊي ذوالفقار لاڙڪ ۽ ڊي آءِ جي سي ٽي ڊي ڪيپٽن (ر) غلام اظفر مهيسر هڪ اهم

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

والاريل ڪشمير تي ڀارت جو غيرقانوني قبضو اسان جي عهد جو هڪ سنگين الميو آهي: نائب وزيراعظم اسحاق ڊار

ڪشميري عوام تي ڀارت جو ڏاڍ ناقابل قبول آهي، عالمي برادري هندوستان جي جابراڻي قدمن جو خاتمو آڻي: وزيراعظم

5 جنوري تي گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي ٺهرائن ۾ ڪشميري عوام جي حق خود ارادیت کي تسليم ڪيو ويو، طئي ٿيو ته جمون ۽ ڪشمير رياست جي مستقبل جو فيصلو غير جانبدار راءِ شماري سان ٿيندو

ڀارت جي جمون ۽ ڪشمير تي غير قانوني قبضي سبب اهو عهدو پورو نه ٿي سگهيو، ڪشميري عوام ڀارتي قابض فوج جي ظلمن جو شڪار آهي پر ڀارتي ڏاڍ ڪشميري عوام جا حوصلا ناهي گهٽائي سگهيو: شهباز شريف

ڪشميري عوام ڀارت جي منظم ڏاڍ، انساني حقن جي وسيع پيماني تي خلاف ورزين ۽ پنهنجي وقار جي پائمالي کي منهن ڏئي رهيو آهي، ڪشمير جي عوام سان اڻٽٽ يڪجهتي جو اظهار ڪريون ٿا: نائب وزيراعظم

گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي هر سال خودمختياري جي حق جي حمايت ۾ پنهنجي قراردادن جي ذريعي ان جي توثيق ڪري ٿي، ڪشميري عوام خودمختياري جو حق حاصل ڪرڻ جي منصفاڻي جدوجهد ۾ ثابت قدم رهي آهي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته 5 جنوري تي گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي ٺهرائن ۾ ڪشميري عوام جي حق خود ارادیت کي تسليم ڪيو ويو ڪشمير جي حق خود ارادیت جي ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي بيان ۾ وزيراعظم شهباز شريف چيو ته 5 جنوري 1949 ۾ يو اين ڪميشن تاريخي ٺهراءُ منظور ڪيو جنهن ۾ طئي

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

ڪشمير مسئلو حل ٿيڻ تائين ڏکڻ ايشيا ۾ پائيدار امن ممڪن نه آهي: بلاول ڀٽو زرداري

عوام ڏهاڪن کان ظلم، تشدد ۽ بنيادي انساني حقن جي پامالي کي منهن ڏئي رهيو آهي

حقِ خودارادیت هڪ ناقابلِ تنسيخ حق آهي، جنهن جي ضمانت عالمي قانون ۽ اقوامِ متحده جي منشور ۾ ڏنل آهي

پيپلز پارٽي قائدِ عوام ۽ شهيد بينظير ڀٽو جي رستن تي هلندي هر فورم تي ڪشميرين جو آواز بڻجندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پيپلز پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جو يوم حقِ خود ارادیت ڪشمير جي موقعي تي پيغام پيپلز پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ڪشميري عوام لاءِ پختي حمايت جاري رکندو: راڻا مشهود

ڏهاڪا گذري وڃڻ باوجود دنيا ڪشميري عوام کي انصاف ڏيڻ جو واعدو پورو نه ڪيو

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم يوٿ

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران ملڪ جي اڪثر علائقن ۾ موسم ٿڌي ۽ خشڪ رهڻ جو امڪان

اسلام آباد (اي پي پي) موسميات

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم جي صدارت ۾ ننڍن ۽ وچولن ڪاروبارن جي بهتري بابت گڏجاڻي ٿي رهي آهي

سنڌ ڪابينا جي فنانس ڪميٽي پاران ڪيترين ئي ترقياتي ۽ غير ترقياتي اسڪيمن لاءِ فنڊن جي منظوري

فنانس ڪميٽي جي اجلاس ۾ صوبائي وزير ناصر شاهه، سعيد غني ۽ گهرو وزير داخله ضياءَ لنجار شرڪت ڪئي

يونيورسٽيز ۽ بورڊز جي نان اي ڊي پي اسڪيم سميت سکر ۽ حيدرآباد جي چرچ منصوبن لاءِ فنڊ منظور

اجلاس ۾ ڪراچي لٽريچر فيسٽيول جي انعقاد سميت مختلف منصوبن جي پڻ منظوري ڏني وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ ڪابينا جي فنانس ڪميٽي جو اجلاس سومر جي ڏينهن منعقد ٿيو جنهن ۾ صوبائي وزير بلديات سيد ناصر حسين شاهه، صوبائي وزير محنت

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: اسپيڪر اياز صادق کي پي ٽي آءِ جو چيف وهپ مخالف ڌر جو اڳواڻ چونڊڻ بابت درخواست ڏئي رهيو آهي

عالمي برادري ڪشمير مسئلي جي حل لاءِ اثرائتو ڪردار ادا ڪري: سينيٽ چيئرمين

ڀارت گذريل ستن ڏهاڪن کان ڪشميرين کي خودارادیت واري حق کان محروم رکيو آهي

والاريل ڪشمير ۾ 10 لک کان وڌيڪ ڀارتي فوج جي موجودگي ڏاڍ جي سنگين عڪاسي آهي

ڪشمير مسئلو اڄ به عالمي برادري جي ايجنڊا تي موجود آهي: سيد يوسف رضا گيلاني

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني ڪشميرين جي خودارادیت واري حق جي ڏهاڙي تي پنهنجي

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

سنڌ اسيمبلي اسپيڪر آفيس ۾ شهيد ڀٽو جي سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو

اسپيڪر اويس قادر شاهه، ڊپٽي اسپيڪر انٿوني نويد، سرفراز راجپر سميت اسيمبلي ميمبرن شرڪت ڪئي

سنڌ اسيمبلي شهيد ڀٽو جي فلسفي ۽ پارلياماني قدرن جي فروغ لاءِ آئيني ڪردار ادا ڪندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي اسيمبلي جي اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه ڊپٽي اسپيڪر انٿوني نويد ۽ سنڌ جي وڏي وزير

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

لڪي مروت ۾ دهشتگردن جو فيڪٽري جي بس تي حملو، هڪ ڄڻو مارجي ويو، ڪيترائي زخمي

دهشتگردن خانگي سيمينٽ فيڪٽري جي گاڏي کي آءِ اي ڊي ڌماڪي سان نشانو بڻايو: سيڪيورٽي عملدار

ٻن عورتن سميت 9 ڄڻا زخمي ٿي پيا، جن کي امدادي ڪارروائين بعد فوري طور ويجهي اسپتال منتقل ڪيو ويو

پشاور (اي پي پي) لڪي مروت جي علائقي تاور خيل موڙ ويجهو گذريل ڏينهن دهشتگردن خانگي فيڪٽري جي بس تي حملو ڪيو ڊي پي او لڪي مروت ٻڌايو ته دهشتگردن خانگي سيمينٽ فيڪٽري جي

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

پاڪستان جي دشمن ملڪن کي هر محاذ تي ناڪاميءَ جو منهن ڏسڻو پئجي رهيو آهي: شرجيل ميمڻ

اسان جي پوليس، سيڪيورٽي فورسز ۽ انٽيليجنس ادارا انتهائي مستعد ۽ چوڪس آهن

ڪراچي ۾ ٻن ٽن ڪان وڌيڪ بارودي مواد هٿ ڪري خطرناڪ منصوبي کي ناڪام بڻائي ڇڏيو آهي

ڀارت ۽ افغانستان پاران شديد ناڪامين ڪانپوءِ پراکسي دهشتگردن کي استعمال ڪيو پيو وڃي

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ دهشتگرديءَ جي هڪ وڏي منصوبي کي ناڪام بڻائڻ تي سيڪيورٽي ادارن کي

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

9 مئي جي واقعن ۾ دهشتگردي ٽوڙ عدالت ۾ داخل اپيلن تي ٻڌڻي لاءِ ٻه رڪني بئنچ جوڙي وئي

لاهور (اي پي پي) لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ 9 مئي تي باهيون ڏيڻ ۽ نقصان پهچائڻ

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

مخالف ڌر اڃا تائين ڳالهين لاءِ رابطو ناهي ڪيو: اياز صادق

قومي اسيمبلي ۾ اپوزيشن ليڊر جي مقرري جو عمل ايندڙ اجلاس ۾ شروع ڪيو ويندو

مخالف ڌر جي ميمبرن جي صحيحن جي جاچ ۽ تصديق ڪان پوءِ ڪارروائي اڳيان وڌندي

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق چيو آهي ته مخالف ڌر اڃا تائين ڳالهين لاءِ رابطو ناهي

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

وينزويلا جي نئين سربراهه کي آمريڪا سان سهڪار نه ڪرڻ جي وڏي قيمت ادا ڪرڻي پوندي: آمريڪي صدر

صدر ٽرمپ وينزويلا ۾ تيل، گيس ۽ ٻين وسيلن تائين پهچ نه ڏيڻ جي صورت ۾ ملڪ تي ٻي وڏي حملي جي ڌمڪي به ڏني

جيڪڏهن وينزويلا جي انتظاميا جا باقي اڳواڻ تعاون نه ڪندا ته آمريڪا وينزويلا تي ٻيو فوجي حملو ڪري سگهي ٿو: ٽرمپ

وينزويلا جي عارضي صدر ڊيلسي روڊريگوز آمريڪا سان متوازن ۽ احترام تي ٻڌل لاڳاپن جو مطالبو ڪري ڇڏيو

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ وينزويلا جي نئين سربراهه کي ڌمڪي ڏني آهي ته وينزويلا جي صدر نڪولس مادورو جي آمريڪا هٿان گرفتار ٿيڻ کانپوءِ

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2



اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف بنگلاديشي اڳواڻ خالده ضياءَ جي لاڏاڻي تي تعزيتي نوٽ لکي رهيو آهي

وزيراعظم جي بنگلاديش هاءِ ڪميشن آمد، خالده ضياءَ جي لاڏاڻي تي تعزيت

بيگم خالده ضياءَ پاڪستان ۽ ان جي عوام جي مخلص دوست هئي: وزيراعظم شهباز شريف

بنگلاديش جي عوام سان ڏک ۾ شريڪ آهيون الله تعاليٰ مرحومه کي جنت الفردوس عطا فرمائي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف ڪالهه سومر ڏينهن بنگلاديش جي اڳوڻي وزيراعظم ۽ بنگلاديش

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

شهيد ڀٽو جي ڏنل ايٽمي پروگرام سبب ملڪ اڄ محفوظ آهي: راجا پرويز اشرف

اڳوڻي وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو عوام کي پاڪستان جو پهريون متفقه آئين ڏنو

قائدعوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو هڪ عهد ساز شخصيت ۽ عظيم اڳواڻ هو: پ پ رهنما

لاهور (اي پي پي) پاڪستان پيپلز پارٽي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ڀارت روس جي تيل جي معاملي تي سهڪار نه ڪيو ته مٿس اڃا وڌيڪ ٽيرف لڳايو ويندو: آمريڪا

آمريڪا روس جي تيل جي معاملي تي ڀارت جي موقف ۽ قدمن جو سنجيدگي سان جائزو وٺي رهيو آهي: ٽرمپ

ڀارتي وزيراعظم نريندر مودي آمريڪي صدر ٽرمپ کي يقين ڏياريو هو ته ڀارت روس کان تيل جي خريداري بند ڪري ڇڏيندو

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ هڪ ڀيرو ٻيهر خبردار ڪيو آهي ته جيڪڏهن ڀارت روس جي تيل جي معاملي تي سهڪار نه ڪيو ته مٿس اڃا وڌيڪ ٽيرف لڳايو ويندو ڪشمير ميڊيا سروس

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

ڀارتي وفد طوفان جنازي نماز ۾ شرڪت ڪان روڪڻ جي خبر بي بنياد آهي: قومي اسيمبلي جو ترجمان

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

اسان جي ملڪ ۾ ٽيلنٽ جي کوٽ ناهي: شزه فاطمه

ماحولياتي تبديلين جو مقابلو ڪرڻ لاءِ نوجوانن کي تيار ڪرڻو آهي

ڪجهه مهينن ۾ فائيو جي انٽرنيٽ سروس کي لانچ ڪري رهيا آهيون

اسلام آباد (اي پي پي) انفارميشن

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

askari bank LIMITED
اخلاص اسلامک بینکنگ
الحمدللہ
اسلامک بینکنگ
اب عسکری بینک کی
تمام برانچز میں
فراہم کی جا رہی ہے

عسکری بینک اپنے تمام صارفین تک اسلامک بینکنگ کی سہولت اور آسان رسائی کیلئے پُرعزم ہے۔

اس ضمن میں یہ سنگِ میل باعث مسرت ہے کہ ہماری ملک بھر میں قائم برانچز میں سے نصف مکمل طور پر اسلامک ہیں، جبکہ باقی برانچز میں اسلامک بینکنگ ونڈوز کے ذریعے شریعت کے مطابق ڈپازٹ پراڈکٹس دستیاب ہیں۔

www.askaribank.com (051) 111 000 787

بقايا | 1 | وزيراعظم

ٿيو ته جمون ۽ ڪشمير رياست جي مستقبل جو فيصلو آزادانه ۽ غير جانبدار راءِ شماري سان ٿيندو. افسوس ته ڀارت جي جمون ۽ ڪشمير تي غير قانوني قبضي سبب اهو عهدو پورو نه ٿي سگهيو هن چيو ته ڪشميري عوام ڀارتي قابض فوج جي ظلمن جو شڪار آهي پر ڀارتي ڏاڍ ڪشميري عوام جا حوصلا ناهي گهٽائي سگهيو عالمي برادري ڀارت جي جابرانه قدمن جي خاتمي لاءِ قدم کڻي. ٻئي طرف نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار چيو آهي ته جمون ۽ ڪشمير تي ڀارت جو غيرقانوني قبضو اسان جي عهد جو هڪ سنگين الميو آهي چو ته ڀارت جي غيرقانوني قبضي هيٺ جمون ۽ ڪشمير جي عوام مسلسل منظم ڏاڍ، انساني حقن جي وسيع پيماني تي خلاف ورزين ۽ پنهنجي بنيادي حقن ۽ وقار جي پائمالي کي منهن ڏئي رهي آهي. خودمختياري جي حق جي ڏهاڙي جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير چيو ته حڪومت ۽ پاڪستان جي عوام ڀارت جي غيرقانوني قبضي هيٺ جمون ۽ ڪشمير جي عوام سان اٽل يڪجهتي جو اظهار ڪن ٿا. اسان خودمختياري جو حق حاصل ڪرڻ جي لاءِ انهن جي منصفاڻي جدوجهد جي حمايت جي پنهنجي پختي عزم جو ورجاءُ ڪريون ٿا. ڪالهه سومر ڏينهن پرڏيهي آفيس پاران جاري بيان ۾ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير محمد اسحاق ڊار چيو ته هي ڏينهن 1949ع تي گڏيل قومن جي ڀارت ۽ پاڪستان بابت ڪميشن جي ان تاريخي قرارداد جي ياد ۾ ملهايو وڃي ٿو جنهن جمون ۽ ڪشمير جي عوام جي لاءِ هڪ آزادانه ۽ منصفاڻي ريفرنڊم جي باقاعده ضمانت ڏني هئي اهو وچن جمون ۽ ڪشمير تڪرار تي گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي ڪيترين ئي قراردادن ۾ لکيل آهي ۽ گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي هر سال خودمختياري جي حق جي حمايت ۾ پنهنجي قراردادن جي ذريعي ان جي توثيق ڪري ٿي. هن چيو ته عالمي خودمختياري جي حق واري قانون کي گڏيل قومن جي چارٽر ۾ لکيل هڪ بنيادي اصول جي طور تي تسليم ڪري ٿو جڏهن ته ڀارت گذريل 7 ڏهاڪن کان ڪشميري عوام کي ان حق کان محروم رکيو آهي. جمون ۽ ڪشمير تي ڀارت جو غيرقانوني قبضو اسان جي عهد جو هڪ سنگين الميو آهي چو ته ڀارت جي غيرقانوني قبضي هيٺ جمون ۽ ڪشمير جي عوام مسلسل منظم ڏاڍ، انساني حقن جي وسيع پيماني تي خلاف ورزين ۽ پنهنجي بنيادي حقن ۽ وقار جي پائمالي کي منهن ڏئي رهي آهي. خاص طور تي 5 آگسٽ 2019ع جا ڀارتي غيرقانوني ۽ هڪطرفا قدم علائقي جي آباديات تناسب کي تبديل ڪري غيرقانوني قبضي کي مستحڪم ڪرڻ جي هڪ سوچيل سمجهيل ڪوشش آهن انهن قدمن جو مقصد عالمي قانون ۽ خودمختياري جي حق جي اصولن جي واضح خلاف ورزي ڪندي ڪشميري عوام کي انهن جي پنهنجي ملڪ ۾ منظم طريقي سان هڪ بي اختيار برادري ۾ تبديل ڪرڻ آهي. ڏهاڪن کان ڏاڍ ۽ وڏين قربانين جي باوجود، ڪشميري عوام خودمختياري جي حق حاصل ڪرڻ جي منصفاڻي جدوجهد ۾ ثابت قدم رهي آهي. نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير چيو ته اسان انهن جي اڻٿڪ حوصلي، همت ۽ جرئت کي سلام پيش ڪريون ٿا. هن چيو ته ان موقعي تي پاڪستان ڀارت جي غيرقانوني قبضي هيٺ جمون ۽ ڪشمير جي عوام کي ان وقت تائين پنهنجي اخلاقي، سياسي ۽ سفارتي حمايت جاري رکڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪري ٿو جيستائين اهي گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي لاڳاپيل قراردادن موجب پنهنجي فتح نه ٿيڻ جوڳي خودمختياري جي حق کي حاصل نه ٿا ڪري وٺن. پاڪستان عالمي برادري، خاص طور تي گڏيل قومن کان به مطالبو ڪري ٿو ته اهي ڪشميري عوام سان ڪيل پنهنجي پراڻي واعدي کي پورو ڪن ۽ جمون ۽ ڪشمير تڪرار جي منصفاڻي ۽ پرامن حل کي يقيني بڻائڻ جي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪري.

بقايا | 2 | بلاول ڀٽو زرداري

هندستان جي غير قانوني قبضي هيٺ جمون ۽ ڪشمير جي عوام جي لازوال جدوجهد کي شاندار خراج تحسين پيش ڪيو هن زور ڏنو ته مقبوضه ڪشمير جي عوام جي منصفانه جدوجهد لاءِ بلاول ڀٽو زرداري پنهنجي غير متزلزل اخلاقي سياسي ۽ سفارتي حمايت جو اعاده ڪن ٿا. چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو ته اڄ جو ڏينهن عالمي برادري جي اڌورا واعدن جي هڪ سنجيده ياد ڏياريندڙ آهي. هن چيو ته ڪشميري عوام ڏهاڪن کان ظلم، تشدد ۽ بنيادي انساني حقن جي پامالي کي منهن ڏئي رهيو آهي پر آزادي لاءِ ڪشميري عوام جو عزم، حوصلو ۽ اميد اڃا به ناقابل شڪست آهي. بلاول ڀٽو زرداري زور ڏنو ته حق خودارادي ڪا رعايت ناهي بلڪ هڪ ناقابل تنسيخ حق آهي، جنهن جي ضمانت عالمي قانون ۽ اقوام متحده جي منشور ۾ ڏنل آهي. هن چيو ته ڪا به طاقت ڪشميري عوام جي جائز امنگن کي خاموش نه ڪري سگهي ۽ اقوام متحده کي محض بيانن کان اڳتي وڌي جمون ۽ ڪشمير سان لاڳاپيل پنهنجن قراردادن تي عملدرآمد کي يقيني بڻائڻ گهرجي. چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو ته ڪشميري عوام جي امنگن مطابق مسئلو ڪشمير حل ٿيڻ تائين ڏکڻ ايشيا ۾ پائيدار امن ممڪن نه آهي ۽ مسئلو ڪشمير کي انصاف، امن ۽ شفاف طريقي سان حل ڪرڻو پوندو. هن زور ڏنو ته پيپلز پارٽي قائد عوام شهيد ڀٽو ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي رستن تي هلندي هر فورم تي ڪشميري عوام جي آواز بڻجندي. چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو ته اسان ڪشمير جي ساٿ ۾ آهيون اڄ به، سڀاڻي به ۽ تڏهن تائين جيستائين انهن کي انصاف نه ملي.

بقايا | 3 | امڪان

ڪاٽي اڳڪٿي ڪئي آهي ته ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران ملڪ جي اڪثر علائقن ۾ موسم ٿڌي ۽ خشڪ جڏهن ته جابلو علائقن ۾ شديد ٿڌ رهڻ جو امڪان آهي. پنجاب، معاڻهين سنڌ ۽ خيبر پختونخوا جي ميداني علائقن ۾ صبح ۽ رات جي وقت دوران شديد ڪوهيڙو پوڻ جو امڪان آهي. موسميات کاتي مطابق گذريل 24 ڪلاڪن دوران ملڪ جي اڪثر علائقن ۾ موسم ٿڌي ۽ خشڪ جڏهن ته معاڻهين وارن علائقن ۾ شديد ٿڌ ۽ ڄهڙالي رهي، جڏهن ته مري ۾ هڪ ملي ميٽر برسات ۽ هلڪي برفباري رڪارڊ ڪئي وئي. پنجاب، هيٺاهين خيبر پختونخوا ۽ معاڻهين سنڌ جي اڪثر علائقن ۾ ڪوهيڙو ڇانيل رهيو. سومر ڏينهن رڪارڊ ڪيل گهٽ ۾ گهٽ گرمي پد ليه ۾ ڪاٽو 10، اسڪردو ۾ ڪاٽو 07، ڪالام ۾ ڪاٽو 06، استور ۾ ڪاٽو 04، پاراچنار گوپس، مالم جبه ۽ ڪوئيٽا ۾ ڪاٽو 03 ڊگري سينٽي گريڊ رڪارڊ ڪيو ويو.

بقايا | 4 | راڻا مشهود

پروگرام جي چيئرمين راڻا مشهود احمد خان دنيا کي 5 جنوري 1949ع جي گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جو فيصلو ياد ڏياريندي چيو ته پاڪستان ڪشميري عوام جي خودارادي واري لاءِ پختي سياسي، اخلاقي ۽ سفارتي حمايت جاري رکندو. هوگذريلڏينهن وزيراعظم آفيس يوٿ افيئرز ونگ ۾ ڪشميري عوام جي خودارادي واري حق جي ڏينهن جي موقعي تي خطاب ڪري رهيو هو. راڻا مشهود احمد خان ان عزم کي ورجايو ته وزيراعظم يوٿ پروگرام قومي ۽ عالمي سطح تي نوجوانن جي اڳواڻي ۾ ڪشميري عوام جي حقن لاءِ سرگرميون وڌائيندو، جنهن جو مقصد ڀارت جي غيرقانوني قبضي هيٺ والاريل جمون ڪشمير ۾ عالمي قانونن جي ڀڃڪڙين کي اجاگر ڪرڻ آهي. هن چيو ته ڪشمير جو مسئلو تاريخ جو منجمد باب نه پر لکين انسانن لاءِ رت سان لکيل حقيقت آهي. هن چيو ته ڏهاڪا گذري وڃڻ باوجود دنيا ڪشميري عوام کي انصاف ڏيڻ جو واعدو پورو نه ڪيو سندن دانهون اڄ به ڪرفيو، ڪنڊيدار تارن ۽ سخت قانونن هيٺان دٻيل آهن. هن چيو ته ڪشميري نوجوانن جي جرئت نعرن جي پيداوار ناهي پر بقا جي جذبي جي پيداوار آهي، سندن خواب ڳوڙهن سان لڪيا ويا ۽ سندن اميدون قربانين جي حفاظت ۾ پلجيل آهن. هن افسوس ظاهر ڪيو ته ڀارت جو غيرقانوني قبضي هيٺ والاريل ڪشمير دنيا جو سڀ کان وڏو فوجي علائقو بڻجي چڪو آهي. هن چيو ته اتي جا ٻار زندگي جو مطلب ڄاڻڻ کان پهرين نقصان جو مطلب سمجهن ٿا. هن چيو ته مائرون پنهنجي ٻچن جو انتظار ڪندي عمر گذاري ڇڏين ٿيون پر اهي ڪڏهن به واپس نه ٿا اچن هن زور ڀريو ته پاڪستان جي ڪشميري عوام لاءِ حمايت صرف رسمي ناهي پر مقدس آهي.

بقايا | 5 | فنڊن جي منظوري

سعيد غني ۽ صوبائي وزير داخله ضياءِ لنجار شرڪت ڪئي اجلاس ۾ صوبي جي مالي صورتحال ۽ ترقياتي منصوبن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو ڪابينا جي فنانس ڪميٽي ڪيترين ئي ترقياتي ۽ غير ترقياتي اسڪيمن لاءِ فنڊز جي منظوري ڏني يونيورسٽيز ۽ بورڊز جي نان اي ڊي پي اسڪيم لاءِ 25 سيڪڙو فنڊز جي منظوري ڏني وئي سينٽ سيور چرچ سکر ۽ ٿامس ڪيٿڊرل چرچ حيدرآباد جي منصوبن لاءِ 219 ملين روپين مان 25 سيڪڙو رقم جي منظوري ڏني وئي فنانس ڪميٽي 7هين ڪراچي لٽريچر فيسٽيول جي انعقاد جي پڻ منظوري ڏني سنڌ آرڪائيوز لاءِ آئوٽ سائيڊ بجيٽ تحت 100 ملين روپين جي منظوري ڏني وئي تعلقو سعيدآباد ضلع مٽياري ۾ 3 ڪلوميٽر لنڪ روڊ بيگو ڪاڪا جي منظوري ڏني وئي هوم ڊپارٽمينٽ ۾ گاڏين جي خريداري ۽ ٻين معاملن لاءِ 102 ملين روپين جي منظوري ڏني وئي پلاننگ اينڊ ڊوليپمينٽ کاتي لاءِ 22 ملين روپين مان اڌ فنڊ جي منظوري ڏني وئي اجلاس ۾ سنڌ لوڪل گورنمينٽ هائوسنگ ۽ ٽائون پلاننگ جي آفيسرن لاءِ ٽريننگ پروگرام جي پڻ منظوري ڏني وئي ڊسٽرڪٽ سجاول جي اي ڊي پي اسڪيم 2024—25 لاءِ 162 ملين روپين جي منظوري ڏني وئي جڏهن ته سري گهاٽ واري درگاهه شڪارپور جي اي ڊي پي اسڪيم جي پڻ منظوري ڏني وئي اجلاس دوران صوبائي وزير بلديات سيد ناصر حسين شاهه چيو ته لوڪل گورنمينٽ جي آفيسرن لاءِ تربيت لازمي هئڻ گهرجي ۽ تربيت جي نالي تي خانه پوري هرگز برداشت نه ڪئي ويندي هن چيو ته عوامي خدمت لاءِ آفيسرن جي معياري تربيت انتهائي ضروري آهي.

بقايا | 6 | ڪيترائي زخمي

گاڏي کي آءِ اي ڊي ڌماڪي سان نشانو بڻايو حملي سبب هڪ شخص مارجي ويو ۽ ٻن عورتن سميت 9 ڄڻا زخمي ٿي پيا. ڊي پي او لڪي مروت جو چوڻ آهي ته زخمين کي فوري طور تي ويجهي اسپتال منتقل ڪيو ويو جڏهن ته سمورن زخمين کي طبي امداد فراهم ڪئي پئي وڃي پوليس واقعي جي جاچ شروع ڪري ڏني آهي جڏهن ته علائقي ۾ سيڪيورٽي وڌيڪ سخت ڪئي وئي آهي ۽ سرچ آپريشن شروع ڪيو آهي.

بقايا | 7 | ڪيڪ ڪاٽيو

جي آرڪائيوز بابت خاص مددگار سرفراز راڄپر اسپيڪر آفيس ۾شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 98 هين سالگره جي موقعي ڪيڪ ڪٽيو تقريب ۾ سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبرن سعديه جاويد، ندا کهڙو، هير سوهو، آصف موسيٰ، فياض ٻٽ، يوسف بلوچ، ڊاڪٽر سڪندر شورو، سميتا افضل، تنزيلا ام حبيبه، امداد پتافي، سيد فرخ شاهه، پير مجيب، هالار وسان، محمد قاسم وسان ۽ شبير سومرو سميت وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو پاڪستان جي آئين جو خالق، عوامي سياست جو باني ۽ جمهوريت جي مضبوط علامت هو. هن چيو ته عوامي اڳواڻ ملڪ کي هڪ متحد آئين ڏنو ۽ سياست ۾ عام ماڻهو کي آواز ڏنو جيڪو اڄ به اسان جي رهنمائي ڪري رهيو آهي. اسپيڪر وڌيڪ چيو ته سنڌ اسيمبلي شهيد ڀٽو جي جمهوري فلسفي ۽ پارلياماني قدرن جي فروغ لاءِ مڪمل ذميواري سان پنهنجو آئيني ڪردار ادا ڪندي رهندي. سيڪريٽري سنڌ اسيمبلي جي ايم عمر فاروق ۽ ڊائريڪٽر جنرل سنڌ اسيمبلي عرفان احمد ميمڻ پڻ تقريب ۾ موجود هئا. تقريب جي آخر ۾، شرڪت ڪندڙن قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي جمهوريت، آئين ۽ عوامي حقن لاءِ ڏنل لازوال قربانين کي خراج تحسين پيش ڪيو.

بقايا | 8 | سينيٽ چيئرمين

پيغام ۾ چيو آهي ته 5 جنوري 1949ع هڪ تاريخي ڏينهن آهي، جڏهن گڏيل قومن جي ڀارت ۽ پاڪستان بابت ڪميشن جمون ڪشمير جي عوام جي ان ناقابل واپسي ۽ بنيادي حق کي باضابطا طور تسليم ڪيو ته هو پنهنجي مستقبل جو پاڻ فيصلو ڪن ستن ڏهاڪن کان ڀارت ڪشميري عوام کي سندن عالمي طور تي تسليم حق خودارادي واري حق کان محروم رکيو پيو اچي عالمي برادري ان مسئلي جي حل لاءِ اثرائتو ڪردار ادا ڪري. سينيٽ سيڪريٽريٽ پاران جاري بيان موجب سيد يوسف رضا گيلاني ان ڳالهه تي به زور ڀريو ته گڏيل قومن جو اهو ٺهراءُ جمون ڪشمير مسئلي جي عالمي حيثيت جو بنياد آهي ۽ اهو ئي سبب آهي ته اهو مسئلو اڄ به عالمي برادري جي ايجنڊا تي موجود آهي. ستن ڏهاڪن کان ڀارت ڪشميري عوام کي سندن عالمي طور تي تسليم ٿيل خودارادي واري حق کان محروم رکيو پيو اچي. هن چيو ته ڀارت غيرقانوني طور قبضي هيٺ جمون ڪشمير ۾ آبادي جي شرح کي تبديل ڪرڻ لاءِ منظم ڪوششون ڪري رهيو آهي جن جو مقصد ڪشميري سڃاڻپ کي ختم ڪرڻ آهي. اهي قدم عالمي قانونن ۽ بنيادي انساني قدرن جي سنگين ڀڃڪڙي برابر آهن هن چيو ته 5 آگسٽ 2019ع کان ڀارت پاران ڪيل هڪ طرفا غيرقانوني قدم گڏيل قومن جي ٺهرائن جي روح کي سخت نقصان پهچايو ۽ خطي کي وڌيڪ عدم استحڪام جو شڪار بڻايو هن نشاندهي ڪئي ته والاريل ڪشمير ۾ 10 لک کان وڌيڪ ڀارتي فوج جي موجودگي ۽ جاري ڏاڍ ۽ تشدد اتي ٿيندڙ سنگين انساني حقن جي ڀڃڪڙين جي واضح عڪاسي آهي. سيد يوسف رضا گيلاني چيو ته روزاني جي بنياد تي ٿيندڙ ظلم ذريعي ڪشميري عوام جي جائز آواز کي دٻائڻ جي ڪوشش جاري آهي جڏهن ته سندن جرئت ۽ جدوجهد اڄ به ثابت قدم آهي پاڪستان جي اصولي موقف جو ورجاءُ ڪندي سينيٽ چيئرمين چيو ته پاڪستان حڪومت هميشه ڪشمير مسئلي جي منصفاڻي، پائيدار ۽ پرامن حل جي حمايت ڪئي آهي جيڪو 5 جنوري 1949ع جي گڏيل قومن جي ٺهرائن ۽ ڪشميري عوام جي امنگن جي مطابق هجي. هن عالمي برادري تي زور ڀريو ته هو پنهنجون ذميواريون پوريون ڪري ۽ ڪشمير عوام کي انهن جي واعدي خودارادي واري حق ڏيارڻ لاءِ اثرائتو ڪردار ادا ڪري.

بقايا | 9 | دهشتگرد گرفتار

پريس ڪانفرنس ۾ چيو ته ڪيترن ئي ڏينهن ۽ راتين جي سخت محنت کان پوءِ هڪ دهشتگرد کي گرفتار ڪيو ويو گرفتار دهشتگرد کان پڇا ڳاڇا ڪرڻ کان پوءِ هڪ ٻئي ڪاميابي حاصل ڪئي وئي گذريل رات به وڌيڪ دهشتگرد گرفتار ڪيا ويا. گرفتار دهشتگردن ۾ جليل احمد عرف فريد پٽ محمد نون نياز قادر عرف ڪنگ پٽ قادر بخش، حمدان عرف فريد پٽ محمد علي شامل آهن ايجنسين جي مسلسل نگراني ۽ غير معمولي نگراني جي ڪري دهشتگردي جو منصوبو بي نقاب ٿيو شهر کان ٻاهر حب علائقي ۾ برآمد ٿيل ڌماڪيدار مواد کي محفوظ طور تي ناڪاره بڻايو ويو ۽ هزار ڪلوگرام کان وڌيڪ بارودي مواد جي وصولي سان ڪيترين ئي قيمتي جانيون بچي ويون دهشتگردن ڪراچي ۾ شهري هدفن کي نشانو بڻائڻ جو منصوبو ٺاهيو هو دهشتگردن ڪراچي کان 35 کان 40 ڪلوميٽر پري هڪ گهر ڪرائي تي ورتو هو انٽيليجنس ايجنسين انساني ۽ ٽيڪنيڪل وسيلن سان آپريشن جي نگراني ڪئي آپريشن کي مڪمل طور تي راز ۾ رکيو ويو عوام ۾ خوف کي روڪڻ لاءِ غير معمولي احتياطي تدبيرون اختيار ڪيون ويون آپريشن دوران بومب ڪريس ۽ امڪاني خطرن جو احتياط سان جائزو ورتو ويو آپريشن دوران 30 کان وڌيڪ پلاسٽڪ ڊرم ۽ پنج ڌاتو گيس سلينڊر ۾ بارودي مواد هٿ ڪيو ويو شروعاتي جاچ موجب بارودي مواد افغانستان کان بلوچستان ۽ پوءِ ڪراچي آندو ويو ثبوتن موجب نيٽ ورڪ پاڙيسري ملڪن مان هلائي رهيو هو هندستاني مفادن هيٺ ڪم ڪندڙ دهشتگرد گروپ منصوبي جي پويان هئا، هندستاني پراڪسيز بي ايل اي ۽ بي ايل ايف افغانستان ۾ محفوظ پناهه گاهه استعمال ڪن ٿا دهشتگرد نيٽ ورڪ جي بناوت کي بشير زيب، بي ايل اي، فتنه الهندوستان ۽ مجيد برگيڊ سان ڳنڍڻ جا ثبوت موجود آهن يوريا تي ٻڌل ڌماڪيدار مواد دهشتگردي لاءِ استعمال ڪيا ويندا آهن ڌماڪيدار مواد جي سپلاءِ چين کي ٽوڙڻ سيڪيورٽي ادارن جي اولين ترجيح آهي مقامي سهولتڪار معمولي مالي فائدن جي بدلي ۾ دهشتگردن جي مدد ڪندا آهن دهشتگرد رهائشي گهرن کي لڪائڻ ۽ ڌماڪيدار مواد تيار ڪرڻ لاءِ استعمال ڪندا آهن گهرن جي ڪرائي جي نظام جي سخت نگراني ۽ اثرائتي جاچ ناگزير آهي يوريا ۽ ٻين ڪيميڪلز جي غير قانوني استعمال تي قانونن جي سختي سان نفاذ ضروري آهي قانون لاڳو ڪندڙ ادارا ۽ انٽيليجنس ادارا دهشتگردي کي مڪمل طور تي ختم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهن دهشتگرديءَ جي سازش جي ذميوار سڀني کي ڳوليو پيو وڃي وڌيڪ تفصيل جلد ظاهر ڪيا ويندا.

بقايا | 10 | شرجيل ميمڻ

زبردست خراج تحسين ۽ مبارڪباد پيش ڪئي آهي هن چيو ته اسان جي پوليس، سيڪيورٽي فورسز ۽ انٽيليجنس ادارا انتهائي مستعد ۽ چوڪس آهن دهشتگردن جي خلاف اها ٻي وڏي ڪاميابي آهي ان کان اڳ دهشتگردن هڪ ٻارڙيءَ کي استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ۽ ڪيس اڳڪٿائي جيڪٽ ڏئي بمبار بڻائڻ جي سازش ڪئي وئي هئي هڪ بيان ۾ سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ ٻڌايو ته تازي ڪارروائي دوران ٻن ٽن کان وڌيڪ بارودي مواد هٿ ڪيو ويو جنهن سان تمام وڏي تباهي ٿي سگهي ٿي پر اسان جي فورسز وقت سر ڪارروائي ڪندي ان خطرناڪ منصوبي کي ناڪام بڻائي ڇڏيو هن چيو ته اسان انهن سمورن ادارن ۽ اهلڪارن کي سلام پيش ڪريون ٿا جن هن سازش کي ناڪام بڻايو ۽ ملڪ کي هڪ وڏي سانحي کان بچايو سندس چوڻ هو ته پاڪستان جي دشمن ملڪن کي هر محاذ تي ناڪاميءَ جو منهن ڏسڻو پئجي رهيو آهي ۽ اهي نٿا چاهين ته پاڪستان ۾ امن ۽ ترقي ٿئي شديد ناڪامين ڪانپوءِ ڀارت ۽ افغانستان جهڙن ملڪن پاران پراڪسي دهشتگردن کي استعمال ڪيو پيو وڃي ته جيئن پاڪستان ۾ عدم استحڪام پيدا ڪري سگهجي هن پوري عمل ۾ ڀارت جو مرڪزي ڪردار آهي ۽ افغانستان جي سرزمين کي به ڀارت پنهنجي مقصدن لاءِ استعمال ڪري رهيو آهي هن چيو ته ڀارت پاڪستان جي خلاف سڌي سنئين جنگ نٿو وڙهي سگهي، ان ڪري هو پراڪسين جو سهارو وٺي رهيو آهي ڀارت ڄاڻي ٿو ته تازي عرصي ۾ ڪيس سامهون جي جنگ ۾ عبرتناڪ شڪست ملي هئي، جنهن ڪري هو دنيا ۾ منهن ڏيکارڻ جي قابل ناهي رهيو هاڻي هو پراڪسين ذريعي پاڪستان ۾ دهشتگردي ڦهلائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي ته جيئن پاڪستان جي ترقيءَ جو رستو روڪي سگهجي ۽ اهڙو ماحول پيدا ڪيو وڃي جنهن سان عالمي سطح تي پاڪستان کي نقصان پهچي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سموري قوم کي پنهنجي پوليس ۽ انٽيليجنس ايجنسين تي فخر آهي، جن وقت سر ڪارروائي ڪري دهشتگردي کي وقت کان اڳ ناڪام بڻائي ڇڏيو ۽ دشمن جا ناپاڪ ارادا مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيا هن چيو ته اسان جون فورسز متحرڪ آهن ۽ ڪارروايون جاري رهنديون ڪا به دهشتگرد تنظيم هجي جن جي پويان آر ايس ايس (RSS) يا ڀارتي خفيه ايجنسيون هونديون آهن، اهي ئي اهڙي قسم جي دهشتگرد ڪارروائين ۾ ملوث هونديون آهن شرجيل انعام ميمڻ چيو ته پاڪستان ۾ دهشتگرديءَ جي منصوبابندي ملڪ کان ٻاهر ويهي ڪئي وڃي ٿي اهي عنصر دشمن ملڪن جي هٿن ۾ پراڪسي بڻجي استعمال ٿين ٿا معصوم ماڻهن کي ورغلايو وڃي ٿو جڏهن ته اصل سازش ڪندڙ ٻاهرئين ملڪن ۾ عياشيءَ جي زندگي گذاري رهيا آهن هن چيو ته حڪومت ان معاملي تي ڀرپور ايڪشن وٺي رهي آهي ۽ جتي ڪٿي به سندن هينڊلرز موجود هوندا، انهن خلاف به ڪارروائي ڪئي ويندي هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان سفارتي سطح تي به هر محاذ تي ان معاملي کي اثرائتي نموني اٿاريو آهي جڏهن به پاڪستان خلاف جارحيت ڪئي وئي، پاڪستان ان جو منهن ٽوڙ جواب ڏنو جڏهن به سرحد پار کان دهشتگردي مڙهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، پاڪستان دشمن کي ڀرپور جواب ڏئي سبق سيکاريو سنڌ جي سينيئر وزير جو چوڻ هو ته بارڊر سيڪيورٽي اڳ کان وڌيڪ بهتر آهي پاڪستان انهن ملڪن سان به ڳالهيون ڪري رهيو آهي جتي ويهي پاڪستان خلاف سازشون ڪيون پيون وڃن، ته جيئن انهن عنصرن کي سختيءَ سان روڪيو وڃي پاڪستان سفارتي پليٽ فارمن کي به استعمال ڪيو آهي ۽ جڏهن به ضرورت پئي، پنهنجي حق مطابق عملي قدم پڻ کنيا آهن ۽ اڳتي به کڻندو رهندو.

بقايا | 11 | اياز صادق

ڪيس ڳالهين لاءِ سندس ڪردار رڳو سهولتڪار جو آهي قومي اسيمبلي ۾ اپوزيشن ليڊر جي مقرري جو عمل ايندڙ پارلياماني اجلاس ۾ شروع ڪيو ويندو سومر ڏينهن پارليامينٽ هائوس ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي هن چيو ته وزيراعظم محمد شهباز شريف جي هدايتن تي بنگلاديش جي اڳوڻي وزيراعظم خالده ضيا جي جنازي نماز ۾ شرڪت لاءِ سان بنگلاديش جو دورو ڪيو جتي مون جنازي نماز ۾ بنگلاديش جي عوام سان گڏ شرڪت ڪئي بنگلاديش جي عوام طرفان پاڪستاني وفد جو گرمجوشي سان استقبال ڪيو ويو ان موقعي تي ڀارتي پرڏيهي وزير جي شنڪر پاڻ اچي مون سان مليو ڍاڪا ۾ بنگلاديش جي عبوري حڪومت جي سربراهه محمد يونس سان ملاقات انتهائي خوشگوار ماحول ۾ ٿي جنهن ۾ پارلياماني ۽ عوامي سطح تي رابطن کي هٿي وٺرائڻ تي اتفاق ٿيو اسپيڪر اياز صادق چيو ته هو ايوان ۾ پنهنجي ڪردار ۾ مڪمل طور خودمختيار آهي ڪميٽي آئيني نظام جي گهرجن موجب مڪمل فعال آهي هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته اپوزيشن سان ڳالهين ۾ سندس ڪردار رڳو سهولتڪار جو آهي مخالف ڌر اڃا تائين ڳالهين لاءِ رابطو ناهي ڪيو هن چيو ته اپوزيشن ليڊر جي مقرري بابت چيف وهپ کي هاڻي تائين 4 خط اماڻي چڪا آهيون چوٿين خط جي جواب ۾ اپوزيشن فيصلي جي تصديق ٿيل ڪاپي جمع ڪرائي ايندڙ پارلياماني اجلاس ۾ مخالف ڌر اڳواڻ جي مقرري جو آئيني عمل شروع ڪيو ويندو هن چيو ته مخالف ڌر جي ميمبرن جي صحيحين جي جاچ ۽ تصديق کان پوءِ ڪارروائي اڳيان وڌندي هن چيو ته وزيراعظم شهباز شريف هڪ مدبر ۽ دور انديش سياسي اڳواڻ آهي وزيراعظم کان سموري آئيني ۽ قانوني معاملن ۾ رهنمائي وٺندو رهندس.

بقايا | 12 | بئنچ جوڙي وئي

جي واقعن ۾ تحريڪ انصاف جي اڳواڻن خلاف داخل ڪيسن ۾ دهشتگردي ڪورٽ عدالت پاران ڏنل سزائن خلاف داخل اپيلن تي ٻڌڻي لاءِ به رڪني بئنچ جوڙي وئي آهي. چيف جسٽس لاهور هاءِ ڪورٽ جسٽس شهباز علي رضوي جي سربراهي ۾ ٻه رڪني بئنچ جوڙي وئي جيڪا 9 جنوري کان 28 فيبروري تائين دهشتگردي ڪورٽ جا ڪيس ٻڌندي عدالت آڏو تحريڪ انصاف جي اڳواڻن ميان محمود الرشيد، اعجاز چوڌري، ڊاڪٽر ياسمين راشد سميت ٻين جي درخواستن تي ٻڌڻي ڪئي ويندي.

بقايا | 13 | آمريڪي صدر

ملڪ جي نئين سربراهه کي آمريڪا سان سهڪار نه ڪرڻ جي وڏي قيمت ادا ڪرڻي پوندي. ٻئي پاسي وينزويلا جي عارضي صدر ڊيلسي روڊريگوز آمريڪا سان متوازن ۽ احترام تي ٻڌل لاڳاپن جو مطالبو ڪيو آهي. صدر ٽرمپ وينزويلا ۾ تيل، گيس ۽ ٻين وسيلن تائين پهچ نه ڏيڻ جي صورت ۾ ملڪ تي ٻي وڏي حملي جي ڌمڪي به ڏني. پرڏيهي ميڊيا مطابق آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ گذريل ڏينهن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته جيڪڏهن وينزويلا جي انتظاميا جا باقي اڳواڻ تعاون نه ڪندا ته آمريڪا وينزويلا تي ٻيو فوجي حملو ڪري سگهي ٿو.

بقايا | 14 | تعزيت

نيشنلسٽ پارٽي جي چيئرپرسن بيگم خالده ضياء جي لاڏاڻي تي تعزيت جي لاءِ بنگلاديش جي هاءِ ڪميشن ويو جتي هن بنگلاديش جي ناظم الامور سان خالده ضياء جي لاڏاڻي تي تعزيت جو اظهار ڪيو ۽ مرحومه جي ايصال ثواب لاءِ فاتحه خواني ڪئي. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم مهمانن جي ڪتاب ۾ پنهنجو تعزيتي بيان لکيو جنهن ۾ هن بيگم خالده ضياء کي زبردست خراج عقيدت پيش ڪندي کيس هڪ بصيرت انگيز اڳواڻ ۽ ناليواري سياسي شخصيت قرار ڏنو جنهن پنهنجي زندگي عوامي خدمت جي لاءِ وقف ڪري ڇڏي. بيگم خالده ضياءِ کي پاڪستان ۽ ان جي عوام جي مخلص دوست ۽ خيرخواهه جي طور تي ياد ڪندي وزيراعظم چيو ته هن لازوال ۽ متاثر ڪندڙ ميراث ڇڏي آهي. پاڪستان جي حڪومت ۽ عوام پاران وزيراعظم شهباز شريف بيگم خالده ضياء جي گهرڀاتين، سندس پارٽي جي ڪارڪنن ۽ بنگلاديش جي عوام سان دلي تعزيت جو اظهار ڪيو ۽ دعا ڪئي ته الله تعاليٰ کيس جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي. اطلاعات ۽ نشريات وارو وفاقي وزير عطاءِ الله تارڙ ۽ خاص معاون طارق فاطمي پڻ وزيراعظم سان گڏ هئا.

بقايا | 15 | راجا پرويز اشرف

وچ پنجاب جي قيادت قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 98هين سالگره جي موقعي تي کيس خراج عقيدت پيش ڪندي چيو آهي ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ڏنل ايٽمي پروگرام عيوض پاڪستان اڄ پرڏيهي جارحيت کان محفوظ آهي اڳوڻي وزيراعظم راجه پرويز اشرف قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 98هين سالگره جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي ته ذوالفقار علي ڀٽو عوام کي پاڪستان جو پهريون متفقه آئين ڏنو جنهن ملڪ کي جمهوري بنيادن تي مضبوط ڪيو هن چيو ته ڀٽو عام ماڻهو کي سڃاڻپ، ووٽ جو حق ۽ ڳالهائڻ جي طاقت ڏني، جڏهن ته سندس ڏنل ايٽمي پروگرام عيوض پاڪستان اڄ پرڏيهي جارحيت کان محفوظ آهي راجا پرويز اشرف جو چوڻ هو ته قائد عوام هر قسم جي آمريت، ڏاڍ ۽ غير جمهوري قوتن آڏو ڄمي بيٺو رهيو ۽ سندس سياست عوامي حاڪميت، جمهوريت ۽ سماجي انصاف تي ٻڌل هئي هن عوام کي اپيل ڪئي ته ڀٽو جي سالگره تي پاڪستان کي هڪ مضبوط ۽ مستحڪم ملڪ بڻائڻ جو عهد ڪيو وڃي ٻئي پاسي پاڪستان پيپلز پارٽي وچ پنجاب جي سيڪريٽري جنرل حسن مرتضيٰ پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي ته قائدعوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو هڪ عهد ساز شخصيت ۽عظيم اڳواڻ هو ڀٽو متفقه آئين ڏئي مضبوط وفاق جو بنياد رکيو ۽ عوام کي شعور ڏنو حقن ۽ خودداري جو درس پڻ ڏنو.

بقايا | 16 | آمريڪا

مطابق عالمي ميڊيا جي حوالي سان ٻڌايو ويو آهي ته صدر ٽرمپ هڪ خطاب دوران چيو ته آمريڪا روس جي تيل جي معاملي تي ڀارت جي موقف ۽ قدمن جو سنجيدگي سان جائزو وٺي رهيو آهي صدر ٽرمپ جو اهو بيان ان وقت سامهون آيو آهي جڏهن آمريڪا ۽ ڀارت وچ ۾ واپاري ڳالهيون جاري آهن ٻئي ملڪ معاشي ناتن کي وڌيڪ وڌائڻ تي ڳالهيون ڪري رهيا آهن. واضح رهي ته ان کان اڳ ڊونلڊ ٽرمپ اها دعويٰ ڪري چڪو آهي ته ڀارتي وزير اعظم نريندر مودي کيس يقين ڏياريو هو ته ڀارت روس کان تيل جي خريداري بند ڪري ڇڏيندو، پر ان حوالي سان هاڻي تائين باضابطه طور تي ان بابت تصديق سامهون ناهي آئي آمريڪا ڀارت تي اڳ ئي 50 سيڪڙو ٽيرف لاڳو ڪري چڪو آهي.

بقايا | 17 | شزه فاطمه

ٽيڪنالاجي ۽ ٽيلي ڪميونيڪيشن واري وفاقي وزير شزا فاطمه خواجه چيو آهي ته ملڪ ۾ ٽيلينٽ جي کوٽ ناهي، ماحولياتي تبديلين جو مقابلو ڪرڻ لاءِ نوجوانن کي تيار ڪرڻو آهي. حڪومت نوجوانن کي صحيح رخ تي گامزن ڪرڻ لاءِ قدم کڻي رهي آهي اسان جي ڪوشش آهي ته نوجوانن کي معاشي طور تي خودمختيار بڻايون. حق جي ويڙهه ۾ اسان جي نوجوانن سائبر سيڪيورٽي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. انهن خيالن جو اظهار هن هتي او آءِ سي ڪامسٽيڪ جي انتظام هيٺ 19هين براق اسپيس ڪيمپ جي پڄاڻي واري تقريب ۾ مهمان خاص طور خطاب ڪندي ڪيو. وفاقي وزير چيو ته براق اسپيس ڪيمپ 29 ڊسمبر 2025ع تي ڪامسٽيڪ سيڪريٽريٽ ۾ شروع ٿي هئي 40 شارٽ لسٽ شاگردن ڪاميابي سان تربيت مڪمل ڪئي آهي اوهان جهڙا ٻار اسان جي ملڪ جو قيمتي سرمايو ۽ مستقبل آهن هن ڪامياب ڪيمپ جي بندوبست تي مبارڪون ڏيندي چيو ته اسان جي ملڪ کي نوجوان قيادت جي ضرورت آهي ملڪ ۾ ٽيلنٽ جي کوٽ ناهي هن چيو ته ماحولياتي تبديلين جو مقابلو ڪرڻ لاءِ نوجوانن کي تيار ڪرڻو آهي اسان جي 15 ڪروڙ آبادي نوجوانن تي مشتمل آهي هن جو چوڻ هو ته حڪومت نوجوانن کي صحيح رخ تي گامزن ڪرڻ لاءِ قدم کڻي رهي آهي ڪيترن مختلف شعبن ۾ ٽريننگ ڏني پئي وڃي. آءِ ٽي شعبي ۾ ٻارن کي مختلف تربيتي ڪورسز ڪرايا پيا وڃن هن چيو ته اسان جي ڪوشش آهي ته نوجوانن کي معاشي طور پاڻ ڀرو بڻايو. اسان ڊجيٽل پاڪستان طرف وڃي رهيا آهيون ان سان ماڻهن لاءِ ڊيٽا ۾ آساني ٿيندي هن چيو ته تيز ترين انٽرنيٽ سروس بحالي لاءِ قدم کڻي رهيا آهيون اسان وٽ سڀ کان گهٽ لو اسپيڪٽرم موجود آهي ڪجهه مهينن ۾ فائيو جي انٽرنيٽ سروس کي لانچ ڪري رهيا آهيون هن جو چوڻ هو ته انٽرنيٽ کان سواءِ زندگي جي ترقي ناممڪن آهي. ان ڪم ۾ آسانيون پيدا ڪيون آهن انٽرنيٽ سروس سان گڏ انسان گڏجي ڪم ڪري رهيا آهن وفاقي وزير چيو ته اسان جي ملڪ جي آبادي ۾ روزاني جي بنياد تي اضافو ٿي رهيو آهي شزا فاطمه خواجه چيو ته حق جي ويڙهه ۾ اسان جي نوجوانن سائبر سيڪيورٽي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو نوجوانن تي خرچ ڪرڻ اصل سيڙپڪاري آهي، هن سال فري لانسنگ جي شعبي ۾ 91 سيڪڙو اضافو ٿيو نوجوان ملڪي معيشت ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن

بقايا | 18 | ترجمان

سيڪريٽريٽ جي ترجمان ميڊيا جي ڪجهه حصن ۾ قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق جي پارلياماني صحافين سان ڳالهين کي حقيقتن کان هٽي ڪري رپورٽ ۽ نشر ڪرڻ تي افسوس جو اظهار ڪيو آهي. ترجمان واضح ڪيو ته قومي اسيمبلي جي اسپيڪر پنهنجي ڳالهين ۾ پارٽي وفد طرفان کين بيگم خالده ضيا جي جنازي نماز ۾ شرڪت کان زبردستي روڪڻ بابت ڪا به ڳالهه نه ڪئي. ترجمان واضح ڪيو ته قومي اسيمبلي جو اسپيڪر جنهن بس ۾ هو ساڳئي ۾ ڀارتي پرڏيهي وزير جئه شنڪر به موجود هو ۽ ٻين ملڪن جا وفد به هئا، جنازي گاهه پهچڻ تي هن بنگالي عوام سان گڏ جنازي نماز ادا ڪئي. ڀارتي وفد طرفان هن کي روڪڻ جو ڪو واقعو پيش نه آيو. ميڊيا کي ان حوالي سان ذميواري ۽ پروفيشنل ازم جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي ها.

پاڪستان لاءِ ڪشمير هڪ نوبل ڪاز آهي: راڻا قاسم نون

سفارتي فرنٽ تي ڪشمير مسئلو پاڪستان لاءِ اهم آهي ۽ رهندو

بدقسمتي سان 11/9 ڪانپوءِ تحريڪ آزادي کي دهشتگردي قرار ڏنو ويو آهي

اسلام آباد (اي پي پي) ڪشمير ڪميٽي جي چيئرمين راڻا قاسم نون چيو آهي ته پاڪستان لاءِ ڪشمير هڪ نوبل ڪاز آهي سفارتي فرنٽ تي ڪشمير مسئلو پاڪستان لاءِ اهم آهي ڪشميرين جو حق آهي ته کين خودارادي وارو حق ڏنو وڃي. سومر ڏينهن فرينڊز آف ڪشمير جي سيمينار کي خطاب ڪندي هن چيو ته اڄوڪو ڏينهن خودارادي واري حق جي حوالي سان گهڻو اهم آهي وزيراعظم نهرو پنهنجي دور ۾ اهو اشو کڻي گڏيل قومن ۾ ويو هو ڪشميرين جو حق آهي ته هو پنهنجو فيصلو پاڻ ڪن پاڪستان ۽ ڪشمير هڪ جسم ۽ 2 دليون آهن راڻا قاسم نون چيو ته ڪشميرين جون دليون به پاڪستان لاءِ ڌڙڪن ٿيون آزادي جي تحريڪن ۾ لاها چاڙها ايندا رهندا آهن پر بدقسمتي سان 11/9 ڪانپوءِ تحريڪ آزادي کي دهشتگردي قرار ڏنو ويو آهي سيد علي گيلاني جو نعرو هو اسان پاڪستاني آهيون پاڪستان اسان جو آهي پاڪستان جي باني قائداعظم محمد علي جناح چيو هو ته ڪشمير پاڪستان جي شهه رڳ آهي.

ڪشمير مسئلي جو منصفاڻو حل خطي ۾ امن لاءِ اڻٽر آهي: سرفراز بگٽي

اڄ به ڪشميري عوام بنيادي ۽ عالمي طور تي تسليم ٿيل حق کان محروم آهي

انساني حقن جي عالمي علمبردار ادارن جو ڪردار به سواليه نشان بڻجي چڪو آهي

ڪوئيٽا (اي پي پي) بلوچستان جي وڏي وزير مير سرفراز بگٽي چيو آهي ته اڄ کان 77 سال گڏيل قومن ڪشمير جي عوام جي حق خودارادي کي تسليم ڪيو هو پر افسوس جو اڄ به ڪشميري عوام ان بنيادي ۽ عالمي طور تي تسليم ٿيل حق کان محروم آهي. ڪشميرين جي يوم حق خودارادي جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ هن چيو ته ڀارت جي غيرقانوني قبضي هيٺ جمون ڪشمير ۾ ڀارتي ظلم جاري آهن ۽ ان سلسلي ۾ انساني حقن جي عالمي علمبردار ادارن جو ڪردار به سواليه نشان بڻجي چڪو آهي مير سرفراز بگٽي واضح ڪيو ته بلوچستان جو عوام ۽ حڪومت ڪشميري ڀائرن سان گڏ بيٺل آهي ۽ سندن هر سطح تي اخلاقي ۽ سفارتي حمايت جاري رکي ويندي. هن چيو ته ڪشميري عوام کي سندن حق خودارادي گڏيل قومن جي ٺهرائن موجب ملڻ گهرجي ۽ ڪشمير مسئلي جو منصفاڻو حل خطي ۾ پائيدار امن لاءِ اڻٽر آهي.

ڪشميري عوام جي جدوجهد جو حتمي هدف تڪميل پاڪستان آهي: وزيراعظم آزاد ڪشمير

گڏيل قومون ڪشميرين جي خودارادي واري حق جو واعدو پورو ڪن، ڀارتي فوج مسلسل ڀڃڪڙيون ڪري پئي

ڪشميري عوام جي خودارادي واري حق جي جدوجهد ڪاميابي تائين جاري رهندي: فيصل ممتاز راٺوڙ

اسلام آباد (اي پي پي) آزاد ڪشمير جي وزيراعظم فيصل ممتاز راٺوڙ چيو آهي ته ڪشميري عوام جي جدوجهد جو حتمي هدف تڪميل پاڪستان آهي. گڏيل قومون ڪشميرين سان ڪيل خودارادي واري حق جو وعدو پورو ڪن. ڪالهه خودارادي واري حق جي ڏهاڙي جي موقعي تي خصوصي پيغام ۾ هن چيو ته پاڪستان ۽ آزاد ڪشمير ڀارت جي غيرقانوني قبضي هيٺ جمون ڪشمير جي عوام جي حمايت کان ڪڏهن به هٿ نه ڪڍندو ڀارتي فوج انساني حقن جون سنگين ڀڃڪڙيون ڪري رهي آهي جنهن جي ڪري هزارين ڪشميري عورتون ٻار ۽ نوجوان شهيد ٿي چڪا آهن عالمي ادارا ڀارت جي غيرقانوني قبضي هيٺ جمون ڪشمير ۾ انساني حقن جي ڀڃڪڙين جي آزادانه جاچ کي يقيني بڻائين. هن چيو ته ڪشميري عوام جي خودارادي واري حق جي جدوجهد ڪاميابي تائين جاري رهندي.

ملڪ شديد سياسي بحران جو شڪار ۽ اسيمبلين جي اهميت ختم ٿي وئي آهي: راجا ناصر عباس

26هين ۽ 27هين آئيني ترميمن کان پوءِ ڪنهن به قسم جو اعتماد باقي ناهي رهيو

ملڪ کي بحران مان ڪڍڻ لاءِ اسان ڳالهين لاءِ تيار آهيون: مجلس وحدت المسلمين جو سربراهه

ڪراچي (بيورو رپورٽ) مجلس وحدت المسلمين جي سربراهه ۽ سينيٽ ۾ اپوزيشن ليڊر علامه راجا ناصر عباس چيو آهي ته اسان پاڪستان جي عوام تائين پنهنجي راءِ پهچائڻ چاهيون ٿا، ملڪ شديد سياسي بحران جو شڪار آهي قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ جي اهميت ختم ٿي وئي آهي. 26هين ۽ 27هين آئيني ترميمن کان پوءِ ڪنهن به قسم جو اعتماد باقي ناهي رهيو پاڪستان جو عوام بي روزگاري ۽ مهانگائي جي چڪي ۾ پيسجي رهيو آهي هن چيو ته ملڪ ۾ امن امان ۽ معيشت ۾ ڪا به بهتري نظر نٿي اچي پنجاب ۾ پوليس مقابلن دوران سوين ماڻهو ماريا ويا آهن ۽ جيلن ۾ هزارين بيگناهه ماڻهو قيد آهن. ملڪ کي عوام جي مينڊيٽ واري حڪومت جي ضرورت آهي ملڪ کي بحران مان ڪڍڻ لاءِ اسان ڳالهين (مذاڪرات) لاءِ تيار آهيون علامه راجا ناصر عباس چيو ته ڪراچي جي انفراسٽرڪچر تي شديد ڳڻتي آهي ٽٽل سڙڪن ۽ کليل ڪڍن سبب فوت ٿيندڙ ماڻهن جي وارثن جي غم ۾ اسين برابر جا شريڪ آهيون ملڪ جي معاشي حب ڪراچي جي عوام کي بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وڃن ملڪ ۾ ڪرپشن کي فرض ۽ واجب سمجهي ڪيو پيو وڃي حڪمرانن جو احتساب ٿيڻ گهرجي. هن اعلان ڪيو ته تحريڪ تحفظ پاڪستان جي سڏ تي 8 فيبروري تي ملڪ گير احتجاج ڪيو ويندو جڏهن ته ملڪ ۽ دنيا ڀر ۾ يوم سياهه پڻ ملهايو ويندو هن خيالن جو اظهار صوبائي آفيس ۾ پريس ڪانفرنس دوران ڪيو ان موقعي تي علامه باقر عباس زيدي، علامه حيات عباس، علامه مبشر حسن، علامه صادق جعفري، ناصر الحسيني سميت ٻيا اڳواڻ به موجود هئا. علامه راجا ناصر عباس وڌيڪ چيو ته عدالتي نظام مفلوج ٿي چڪو آهي آءِ ايم ايف موجب 5 هزار 3 سئو ارب روپين جي ڪرپشن ٿي آهي 8 فيبروري کان عوام کان حق راءِ دهي کسي وئي جنهن کان پوءِ ملڪ سياسي ۽ معاشي بحران ۾ ڦاسي پيو آهي. باني پي ٽي آءِ کي جيل ۾ رکڻ ملڪ سان دشمني آهي بيگناهن کي ظالمانه سزائون ڏنيون پيون وڃن جيڪي ڪنهن به صورت درست ناهن هن عالمي حالتن بابت ڳالهائيندي چيو ته وينزويلا جي صدر ۽ سندس خاندان خلاف ٿيندڙ ڪاررواين جي مذمت ڪيون ٿا. ڊونلڊ ٽرمپ پنهنجي ملڪ جي آئين جي به خلاف ورزي ڪئي آهي اسان جي حڪمرانن کي به اهڙين حرڪتن جي کلي مذمت ڪرڻ گهرجي. ايران سان ڳالهين جي آڙ ۾ دوکو ڪيو ويو ۽ پوءِ اسرائيل کان حملا ڪرايا ويا، پر 12 ڏينهن ۾ اسرائيل کي شڪست ٿي. اسرائيل غزه ۾ حماس کان ڪاميابي حاصل نه ڪري سگهيو علامه راجا ناصر عباس چيو ته آيت الله خامنه اي بابت غلط ۽ ڪوڙا پروپيگنڊا ڪيا پيا وڃن جيڪي سراسر ڪوڙ آهن جيڪي شهادت جي آرزو رکن ٿا، انهن بابت ڀڄڻ جا الزام لڳائڻ عالمي استعماري قوتن جو پروپيگنڊا آهي فلسطين جا مظلوم عوام اسرائيل کي شڪست ڏئي چڪا آهن آمريڪا ۽ اسرائيل جا خطي ۾ مقصد پورا ناهن ٿي سگهيا. آخر ۾ هن چيو ته پيڪا ايڪٽ جي سخت مذمت ڪيون ٿا ۽ ٻيهر اعلان ڪيون ٿا ته 8 فيبروري تي تحريڪ تحفظ پاڪستان طرفان ملڪ گير احتجاج ۽ دنيا ڀر ۾ يوم سياهه ملهايو ويندو.

ڪشميرين پاران 5 جنوري تي خودارادي واري حق جو ڏهاڙو ملهايو ويو

جمون ڪشمير، آزاد ڪشمير، پاڪستان ۽ سڄي دنيا ۾ احتجاجي مظاهرا ۽ ريليون

گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل 5 جنوري 1949ع تي هڪ تاريخي ٺهراءُ منظور ڪيو هو

5 جنوري 1949ع جو ٺهراءُ ان ڳالهه جو واضح ثبوت آهي ته ڪشمير ڀارت جو اندروني معاملو ناهي

سرينگر (اي پي پي) ڪنٽرول لائين جي ٻنهي پاسي ۽ سڄي دنيا ۾ رهندڙ ڪشميرين 5 جنوري تي خودارادي واري حق جو ڏهاڙو ملهايو ته جيئن عالمي برادري کي گڏيل قومن جي ٺهرائن جي صورت ۾ ڪشميرين سان ڪيل واعدا ياد ڏياريا وڃن. ڪشمير ميڊيا سروس مطابق ان ڏينهن کي ملهائڻ جي اپيل ڪل جماعتي حريت ڪانفرنس ڪئي هئي. ان ڏينهن جي مناسبت سان جمون ڪشمير، آزاد ڪشمير، پاڪستان ۽ سڄي دنيا ۾ احتجاجي مظاهرا، ريليون، سيمينار ۽ ٻيا پروگرام منعقد ڪيا ويا ته جيئن سڄي دنيا جو ڌيان گڏيل قومن جي اهتمام هيٺ راءِ جي حق جو واعدو پورو نه ٿيڻ سبب ڪشميري عوام جي درپيش مشڪلاتن ۽ ناانصافي ڏانهن ڏياريو وڃي. گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل 5 جنوري 1949ع تي هڪ تاريخي ٺهراءُ منظور ڪيو هو جنهن ۾ چيو ويو هو ته ڀارت يا پاڪستان سان جمون ڪشمير جي الحاق جو فيصلو آزادانه ۽ اڻ ڌري راءِ شماري جي جمهوري طريقي سان ڪيو ويندو. ڪل جماعتي حريت ڪانفرنس جي اڳواڻن سرينگر ۾ پنهنجن بيانن ۾ چيو ته 5 جنوري 1949ع جو ٺهراءُ ان ڳالهه جو واضح ثبوت آهي ته ڪشمير ڀارت جو اندروني معاملو ناهي پر عالمي سطح تي تسليم ٿيل هڪ تڪرار آهي. ڪل جماعتي حريت ڪانفرنس هڪ بيان ۾ چيو ته حل طلب ڪشمير تڪرار ڏکڻ ايشيا ۾ ايٽمي فليش پوائنٽ بڻجي چڪو آهي. حريت ڪانفرنس گڏيل قومن تي زور ڀريو ته هو پنهنجون ذميواريون پوريون ڪري ۽ ڪشمير مسئلي کي تاريخي حوالي سان حل ڪرائڻ لاءِ فوري قدم کڻي.

شهيد ڀٽو شاگردي واري دور ۾ قائداعظم کي خط لکي ملڪ لاءِ قرباني ڏيڻ جي خواهش ڏيکاري هئي: وڏو وزير

ڪنهن کي به اندازو نه هو ته اهو ٻار اهڙو عظيم اڳواڻ بڻجندو جنهن جون خدمتون نسلن تائين ياد رکيون

وزيراعظم بڻجڻ ڪانپوءِ به شهيد ڀٽو چيو هو ته هو پاڪستان لاءِ پنهنجي ٻچڙن جي قرباني ڏيڻ لاءِ به تيار آهي

هن ملڪ کي 1973ع جو آئين ڏنو، ڀارت کان 90 هزار جنگي قيدين جي آزادي يقيني بڻائي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي ڀرپور خراج عقيدت پيش ڪندي چيو آهي ته هو هڪ دوراندیش، ڪرشمائي ۽ عوام دوست اڳواڻ هو جنهن پاڪستان جي سياسي، آئيني ۽ دفاعي تاريخ کي نئون رخ ڏنو. پيپلز سيڪريٽريٽ ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 98هين سالگره جي موقعي تي منعقد تقريب کي خطاب ڪندي وڏي وزير ضلعي ايسٽ جي منتظمن جو شڪريو ادا ڪيو ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي باني چيئرمين جي سالگره تي ڪارڪنن ۽ حمايتين کي مبارڪباد ڏني. تقريب ۾ صوبائي وزير محنت سعيد غني، سينيٽر وقار مهدي سميت ڪيترائي اڳواڻ ۽ ڪارڪن وڏي انگ ۾ موجود هئا. سيد مراد علي شاهه چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو 5 جنوري 1928ع تي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو ۽ ان وقت ڪنهن کي به اندازو نه هو ته اهو ٻار مستقبل ۾ اهڙو عظيم اڳواڻ بڻجندو جنهن جون خدمتون نسلن تائين ياد رکيون. وڏي وزير چيو ته شاگردي جي دور ۾ به شهيد ڀٽو قائداعظم محمد علي جناح کي خط لکي ملڪ لاءِ قرباني ڏيڻ جي خواهش جو اظهار ڪيو هو ۽ هن چيو ته وزيراعظم بڻجڻ ڪانپوءِ به شهيد ڀٽو ڪلي عام چيو هو ته هو پاڪستان لاءِ پنهنجي جان بلڪ پنهنجن ٻارن جي قرباني ڏيڻ لاءِ به تيار آهي. مراد علي شاهه ڀٽو خاندان جي قربانين کي ساراهيندي چيو ته شهيد محترمه بينظير ڀٽو، شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو ۽ شهيد شاهنواز ڀٽو جمهوريت ۽ عوامي حقن جي جدوجهد ۾ شهادت ماڻي. شهيد ڀٽو جي تاريخي ڪاميابين جو ذڪر ڪندي وڏي وزير چيو ته هن ملڪ کي 1973ع جو آئين ڏنو، مشرقي پاڪستان جي جدائي ڪانپوءِ 90 هزار جنگي قيدين جي آزادي يقيني بڻائي، ٿرپارڪر جي معاشي صلاحيت کي اجاگر ڪيو ۽ پاڪستان جي دفاعي بنيادن کي مضبوط ڪيو. هن چيو ته اڄ پاڪستان جون هٿياربند فوجون مضبوط دفاعي صلاحيتون رکن ٿيون، جيڪو شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي حڪمت عملي جو نتيجو آهي. 1977ع جي سياسي حالتن جو حوالو ڏيندي وڏي وزير چيو ته شهيد ڀٽو خلاف تحريڪ انهن قوتن جي سهڪار سان هلائي وئي جيڪي ڪنهن به مسلمان ملڪ کي مضبوط ۽ متحد ڏسڻ نٿي چاهيون. هن چيو ته شهيد ڀٽو مسلم دنيا کي متحد ڪرڻ جي سگهه رکندو هو ان ڪري کيس خطرو سمجهيو ويو. سيد مراد علي شاهه ياد ڏياريو ته شهيد ڀٽو لاهور ۾ اسلامي سربراهي ڪانفرنس ڪوٺائي جنهن ۾ مسلمان ملڪن جي اڳواڻن کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪيو ويو. هن قومي اسيمبلي ۾ شهيد ڀٽو جي تاريخي تقرير جو به حوالو ڏنو جنهن ۾ هن چيو هو ته هن عوام کي اها آواز ڏني جيڪا اڳ نظرانداز ٿيندي هئي. هڪ ذاتي يادون ونڊيندي وڏي وزير چيو ته جڏهن هو ننڍو هو ته پنهنجي والد سان گڏ هڪ مقامي سردار وٽ ويو جتي سوين ماڻهو زمين تي ويٺل هئا ۽ رڳو ڪجهه ماڻهن لاءِ ڪرسيون هيون. ڪجهه وقت ڪانپوءِ ٻيهر وڃڻ تي ڏٺو ته سڀ ماڻهو ڪرسيءَ تي ويٺل هئا، جيڪو شهيد ڀٽو جي دور ۾ عام ماڻهن کي مليل عزت ۽ بااختياري جو ثبوت هو. هن چيو ته چونڊن دوران پاڪستان پيپلز پارٽي جي ڪري ئي عام ڪارڪن امير ۽ طاقتور اميدوارن کي شڪست ڏئي ٿو. وڏي وزير چيو شهيد ڀٽو اسان کي سيکاريو ته اصل طاقت عوام جي ووٽ ۾ آهي ۽ عوام ئي فيصلو ڪري ٿو ته ڪير حڪمراني ڪندو ۽ ڪير خدمت ڪندو. مراد علي شاهه چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو هميشه انسانيت جي خدمت کي ترجيح ڏني ۽ اهو ئي مشن شهيد محترمه بينظير ڀٽو اڳتي وڌايو. هن وڌيڪ چيو ته صدر آصف علي زرداري ۽ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت ۾ پارٽي عوامي خدمت جو اهو مشن جاري رکندي. وڏي وزير چيو ته شهيد ڀٽو پاڻ به پيپلز سيڪريٽريٽ اچي ويهندو هو هن چيو ته جيڪي ماڻهو ڀٽو کي ياد ڪرڻ چاهيندا هئا، اهي لاڙڪاڻي يا پيپلز سيڪريٽريٽ جو دورو ڪن. چو ته اهي جڳهيون سندس ورثي جون علامتون آهن. تقريب جي پڄاڻي تي وڏي وزير منتظمن کي ڪامياب تقريب تي مبارڪباد ڏني ۽ چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو هميشه تاريخ ۾ زنده رهندو. هن چيو جيسيتائين انسانيت زنده آهي، انسانيت جي خدمت ڪندڙ ۽ عوام کي آواز ڏيندڙ ڪڏهن به ناهن مرندا. ڀٽو زنده آهي ۽ هميشه زنده رهندو. تقريب کي صوبائي وزير سعيد غني ۽ سينيٽر وقار مهدي به خطاب ڪيو جڏهن ته آخر ۾ وڏي وزير ٻين اڳواڻن سان گڏ پارٽي باني جي سالگره جو ڪيڪ ڪٽيو.

سنڌ جي مختلف کاتن مان رٽائر ٿيل ملازمن کي فوري طور تي رقمون ادا ڪرڻ جو حڪم

وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه جي هدايت تي چيف سيڪريٽري سنڌ سيد آصف حيدر شاهه اهڙيون هدايتون جاري ڪيون

ڪي ڊي اي، ڪي ايم سي، اسڪول ايجوڪيشن، پوليس، ورڪس اينڊ سروسز سميت ٻين کاتن جي رٽائر ملازم ٻن ٻن سالن کان رقمن کان محروم

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه جي هدايت تي چيف سيڪريٽري سنڌ سيد آصف حيدر شاهه سنڌ ۾ 30 کان وڌيڪ صوبائي کاتن مان رٽائر ٿيل ماڻهن جون رقمون فوري طور ادا ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي ان ڏس ۾ چيف سيڪريٽري، خزاني واري سيڪريٽري کي هدايت ڪئي آهي ته مختلف کاتن خاص ڪري ڪي ڊي اي، ڪي ايم سي، اسڪول ايجوڪيشن، پوليس، ورڪس اينڊ سروسز سميت ٻين کاتن جي رٽائر ملازمن کي ٻن ٻن ٽن ٽن سالن کان مڪمل رقمون نه ملي سگهيون آهن ان ڪري کين فوري طور تي کين رقمون ادا ڪرڻ لاءِ فوري قدم کنيا وڃن.

مهانگائي خلاف مظاهرا، ايراني حڪومت طرفان شهرين کي ماهوار الائونس ڏيڻ جو اعلان

شهري هر مهيني 10 لک تومان (اٽڪل 7 ڊالرن) جي برابر رقم وصول ڪري سگهن ٿا: ايران جو ترجمان

تهران (اي پي پي) ايران حڪومت مهانگائي خلاف جاري احتجاج ڪانپوءِ شهرين کي معاشي دٻاءُ مان ڪڍڻ لاءِ ماهوار الائونس ڏيڻ جو اعلان ڪيو آهي. پرڏيهي خبررسان ادارن مطابق ايران جي حڪومت جي ترجمان گذريل ڏينهن هڪ بيان ۾ چيو ته شهري هر مهيني 10 لک تومان (اٽڪل 7 ڊالرن) جي برابر رقم وصول ڪري سگهن ٿا جيڪي چئن مهينن لاءِ سندن اڪائونٽس ۾ وڌا پيا وڃن هن چيو ته اها رقم هر ايراني شهري کي ڏني ويندي جنهن مان هو ضرورت جو سامان خريد ڪري سگهن ٿا ۽ انهن قدمن جو مقصد ماڻهن تي معاشي دٻاءُ کي گهٽائڻ آهي. واضح رهي ته ايٽمي پروگرام سبب ايران جي معيشت آمريڪا ۽ ٻين ملڪن طرفان لڳايل پابندين جو شڪار آهي ۽ ڊسمبر ۾ اتي مهانگائي جي شرح 52 سيڪڙو تائين وڌي وئي ملڪ ۾ معيشت جي غير يقيني جي صورتحال سبب شروع ٿيل مظاهرا اٺين ڏينهن ۾ داخل ٿيا. مظاهرن جو دائرو ملڪ جي 40 شهرن تائين پکڙجي چڪو آهي.

ننڍي ۽ وچولي درجي جا ڪاروبار ملڪي معيشت لاءِ ڪرنگهي جي هڏي جي حيثيت رکن ٿا: وزيراعظم

وزيراعظم جي صدارت هيٺ ملڪ ۾ ننڍي ۽ وچولي درجي جي ڪاروبار کي هٿي ڏيڻ لاءِ "سميڊا" جي بزنس پلان بابت اجلاس ٿيو

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف ننڍي ۽ وچولي درجي جي ڪاروبار جي فروغ جي لاءِ روڊ ميپ کي ساراهيندي چيو آهي ته ننڍي ۽ وچولي درجي جا ڪاروبار ملڪي معيشت جي لاءِ ڪرنگهي جي هڏي جي حيثيت رکن ٿا. اهڙن خيالن جو اظهار هن ڪالهه سومر ڏينهن ملڪ ۾ ننڍي ۽ وچولي درجي جي ڪاروبار جي فروغ لاءِ "سميڊا" جي بزنس پلان جي حوالي سان اجلاس جي صدارت دوران ڳالهائيندي ڪيو. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب اجلاس ۾ ننڍي ۽ وچولي درجي جي ڪاروبار جي فروغ جي لاءِ ايندڙ ٽن سالن جو روڊ ميپ پيش ڪيو ويو. وزيراعظم قابل عمل ۽ موثر پلان جوڙڻ تي خاص معاون هارون اختر ۽ سميڊا جي نئين چونڊيل بورڊ آف ڊائريڪٽرز کي ساراهيندي چيو ته ننڍي ۽ وچولي درجي جا ڪاروبار ملڪي معيشت جي لاءِ ڪرنگهي جي هڏي جي حيثيت رکن ٿا. ننڍي ۽ وچولي درجي جي ڪاروبار جي ترقي سان ملڪي روانگي واپار ۾ اضافي جي ڀرپور صلاحيت موجود آهي. وزيراعظم لاڳاپيل ادارن کي بئنڪن ۽ ٻين مالي ادارن پاران ننڍي ۽ وچولي درجي جي ڪاروبار کي آسان شرطن تي قرض فراهم ڪرڻ جي لاءِ قدم تيز ڪرڻ جي هدايت ڪئي. اجلاس ۾ ننڍي ۽ وچولي درجي جي ڪاروبار کي درپيش مسئلن ۽ انهن مسئلن جي خاتمي جي لاءِ حڪمت عملي، ايس ايم ايز کي ملڪي روانگي واپار ۾ شامل ڪرڻ جي لاءِ حڪمت عملي ۽ بزنس پلان ۾ شامل ٻين قدمن تي تفصيلي بريفنگ ڏني وئي. اجلاس ۾ پاڪستان جي ايس ايم اي سيڪٽر کي عالمي مارڪيٽ ۾ چڪايتي بنيادن تي متعارف ڪرائڻ جي لاءِ مختلف ملڪن سان جاري تعاون کي وڌيڪ وڌائڻ جي حوالي سان جاري قدمن تي پڻ بريفنگ ڏني وئي جنهن ۾ ٻڌايو ويو ته ملڪي ايس ايم ايز جي صلاحيت وڌائڻ جي لاءِ تازو ئي 6 شهرن ۾ ڪيترائي ورڪشاپ منعقد ڪيا ويا آهن. ننڍي ۽ وچولي درجي جي ڪاروبار کي عالمي سطح تي مقابلي جي لاءِ تيار ڪرڻ جي لاءِ ڪيترن ئي تربيتي پروگرامز تي پڻ ڪم جاري آهي. اجلاس ۾ عورتن جي ايس ايم اي سيڪٽر ۾ شرڪت ۽ ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻ جي حوالي سان جاري قدمن تي پڻ بريفنگ ڏني وئي. اجلاس ۾ اطلاعات ۽ نشريات وارو وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ، خاص معاون هارون اختر، اسٽيٽ بئنڪ جو گورنر جميل احمد، چئني صوبن ۽ آزاد ڪشمير ۽ گلگت بلتستان جا چيف سيڪريٽريز، سميڊا جا نوان چونڊيل بورڊ ميمبر ۽ لاڳاپيل ادارن جا آفيسر شريڪ هئا.

وينزويلا ۾ آمريڪي حملي سبب ڪيوبا جا 32 سيڪيورٽي اهلڪار مارجي ويا، ملڪ ۾ سوڳ جو اعلان

صدر ميگوئيل ڊياز ڪينيل آمريڪي حملي ۾ مارجي ويل انهن سيڪيورٽي اهلڪارن لاءِ ٻه ڏينهن قومي سوڳ جو اعلان ڪيو

هوانا (اي پي پي) ڪيوبا چيو آهي ته وينزويلا تي آمريڪي حملي سبب ڪيوبا جا 32 سيڪيورٽي اهلڪار مارجي ويا آهن انهن مان ڪجهه فوجي سڌي ريت ويڙهه ۾ مارجي ويا. پرڏيهي ميڊيا موجب ڪيوبا جي صدر ميگوئيل ڊياز ڪينيل آمريڪي حملي ۾ مارجي ويل انهن سيڪيورٽي اهلڪارن لاءِ ٻه ڏينهن قومي سوڳ جو اعلان ڪيو آهي. جاري صدارتي فرمان موجب مارجي ويل ڪيوبا جي سيڪيورٽي اهلڪارن لاءِ اڄ کان اڱاري تائين ٻه ڏينهن قومي سوڳ ملهايو ويندو. ان دوران سرڪاري ۽ فوجي عمارتن تي قومي جهنڊو جهڪيل رهندو سرڪاري آفيسون بند رهنديون ۽ عوامي تقريبون ملتوي ڪيون ويون آهن ڪيوبا جي صدر چيو ته مارجي ويل اهلڪارن جو تعلق ڪيوبا جي انقلابي هٿيار بند فوج ۽ گهرو وزارت سان هيو ۽ هو وينزويلا جي درخواست تي اتي مقرر ڪيا ويا هيا. صدر چيو ته ڪيوبا جي سيڪيورٽي اهلڪارن مان ڪجهه حملي خلاف مزاحمت ڪندي مارجي ويا ۽ ڪجهه بم ڌماڪن سبب مارجي ويا. هن چيو ته سندن بهادري ڪيوبا جي عوام جي اتحاد ۽ عالمي يڪجهتي لاءِ ڪيوبا جي عزم جي عڪاسي آهي.

Oil & Gas Development Company Limited

ogdcl the energy

EXTENSION IN BID CLOSING & OPENING DATE

Reference our Tender Notice(s) published in newspapers on **21.11.2025, 05.12.2025** and **20.12.2025**, it is notified that the bid submission/opening dates of the following cases are extended as follows:

SR #	TENDER NO	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-PROD-306827793-2025	CAMP SERVICES FOR KUNNAR KPD-TAY FIELD, HYDERABAD SINDH	12.01.2026 AT 1030 HRS
2.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-PROD-306822574-2025	CAMP SERVICES FOR NASHPA FIELD, KARAK KPK	13.01.2026 AT 1030 HRS
3.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-PROD-306825451-2025	CAMP SERVICES FOR QADIRPUR FIELD, DISTRICT GHOTKI SINDH	14.01.2026 AT 1030 HRS
4.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-PROD-306827132-2025	CAMP SERVICES FOR SINJHORO FIELD, SINDH	15.01.2026 AT 1030 HRS
5.	OGDCL-FB-CB-PROD-302369137-2025	CEMENTING AND CIRCULATING HOSES	19.01.2026 AT 1100 HRS
6.	OGDCL-SCM-FA-CB-DS-305085497-2025	PARTIALLY HYDROLYZED POLY ACRYLAMIDE (PHPA)	21.01.2026 AT 1100 HRS

2. Bidders who have already submitted/ sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
3. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date & time.
4. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at **www.ppra.org.pk**.
5. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at **https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders** or **https://discovery.ariba.com/profile/AN01562899621**. For details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.
6. OGDCL reserves the right to accept or reject any bid and to annul the bidding process and reject all the bids as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) Rule-33.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDCL House, Plot 03, F-6/G-6, Jinnah Avenue, Blue Area Islamabad-Pakistan
Tel: +92 (51) 920023540/3652

ogdcl.com
No. 369/11

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION
WE EXPLORE PROSPERITY

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

دهشتگردي: علائقائي ذميواريون ۽ اندروني چئلينج
صفحو 4

راجا زاهد اختر خانزاد
آمريڪا، وينزويلا ۽ اقتدار جي نئين بساط
صفحو 4

گهوٽ نئون، ڇڄ پُراڻي!
مير اعظم علي ٽالپر
صفحو 4

مختيار اڻڙ
اڄوڪو ڏينهن 06 جنوري
صفحو 4

حيدرآباد تعلقي ڀهراڙي ۾ ماحولياتي آلودگي انتها تي پهچي وئي، ساهه جون بيماريون وڌڻ لڳيون

ماحوليات کاتي پاران عوامي آگاهي مهم نه هلائڻ سبب ماحولياتي آلودگي خطرناڪ حدن تائين وڌڻ لڳي

ڀهراڙي جي علائقن ۾ غيرقانوني طور استعمال ٿيل بيٽرين کي ساڙي شيهو ڪڍڻ جو ڪاروبار زور شور سان جاري

رات جي وقت بيٽرين کي ساڙڻ سبب سڄو علائقو زهريلي گئسن سان ڀرجي وڃي ٿو، ايڪشن ڪيو وڃي: رهواسين جو مطالبو

مسوپرڪڙي (ن ع) تعلقي حيدرآباد روول ۾ ماحوليات کاتي پاران عوامي آگاهي مهم نه هلائڻ سبب ماحولياتي آلودگي خطرناڪ حدن تائين وڌڻ لڳي آهي. جنهن سبب علائقي ۾ رهندڙ ماڻهن ۾ ساهه دم اکين ۽ چمڙي جون بيماريون تيزي سان وڌي رهيون آهن علائقي ۾ حيدرآباد پرسان غيرقانوني طور استعمال ٿيل بيٽرين کي ساڙي شيهو ڪڍڻ جو ڪاروبار زور شور سان جاري آهي. جنهن مان نڪرندڙ زهريلو دونهون انساني صحت لاءِ انتهائي خطرناڪ ثابت ٿي رهيو آهي. مقامي رهواسين جو چوڻ آهي ته رات جي وقت بيٽرين کي ساڙڻ سبب سڄو علائقو زهريلي گئسن سان ڀرجي وڃي ٿو جڏهن ته ماحوليات کاتي طرفان ڪا به ڪارروائي نظر نٿي اچي. ٻئي طرف تعلقي جي مختلف علائقن ۾ قائم سرن جي ڀٽن تي فلٽر سسٽم نه هئڻ سبب ڪارو دونهون مسلسل هوا ۾ شامل ٿي رهيو آهي. جنهن ڪري نه صرف هوا آلوده ٿي رهي آهي پر فصلن وڻن ۽ انساني صحت تي به منفي اثر پئجي رهيا آهن. ماحولياتي ماهرن موجب ڀٽن مان نڪرندڙ دونهون ڪاربان ۽ زهريلي ذرات تي مشتمل هوندو آهي جيڪو سڌو سنئون ساهه جي بيمارين جو سبب بڻجي ٿو. زراعت کاتي پاران آبادگارن کي جديد ۽ ماحول دوست طريقن بابت آگاهي نه ڏيڻ سبب ڪيترائي آبادگار ڪيلي ۽ ڪمند جي فصلن جي باقيات کي ساڙي رهيا آهن جنهن سان دونهون ۽ راک هوا ۾ ڦهلجي رهي آهي ۽ ماحولياتي آلودگي ۾ اضافو ٿي رهيو آهي. مقامي آبادگارن جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن کين متبادل طريقا سيکاريا وڃن ته هو فصلن جي باقيات ساڙڻ کان پاسو ڪن. سياسي سماجي ۽ سول سوسائٽي جي اڳواڻن نثار لغاري، امجد رند، گلزار ڪلهوڙو ۽ ٻين ماحوليات کاتي جي لاپرواهي تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي مطالبو ڪيو آهي ته فوري طور نوٽيس وٺي غيرقانوني بيٽري ساڙڻ وارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي، سرن جي ڀٽن تي فلٽر لڳائڻ کي يقيني بڻايو وڃي ۽ آبادگارن لاءِ ماحولياتي آگاهي مهم شروع ڪئي وڃي. علائقي جي رهواسين جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن لاڳاپيل ادارن طرفان بروقت قدم نه کنيا ويا ته ايندڙ وقت ۾ حيدرآباد کي سنگين صحت ۽ ماحولياتي بحران کي منهن ڏيڻو پئجي سگهي ٿو.

مسوپرڪڙي: ماحوليات کاتي پاران عوامي آگاهي مهم نه هلائڻ سبب ماحولياتي آلودگي خطرناڪ حدن تائين وڌڻ لڳي

شهدادپور پوليس حراست هيٺ تشدد دوران فوت ٿيندڙ عزيز جکرو جي پوسٽ مارٽم رپورٽ جاري

پوسٽ مارٽم رپورٽ ۾ ٽنگن جسم تي تشدد جا واضح نشان ۽ موت تشدد سبب واقع ٿيڻ جو انڪشاف

پوليس تشدد سبب سندس جسم تي ڳاڙها نيلا زخم ظاهر هئا جنهن سبب سندن موت واقع ٿيو آهي: رپورٽ

پوسٽ مارٽم رپورٽ بعد فوتي جي ڀاءُ جام حيدر پاران ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري سزا ڏيڻ جو مطالبو

شهدادپور(ن ع) شهدادپور پوليس حراست هيٺ تشدد دوران فوت ٿيندڙ هيڊ ماسٽر جام عزيز جکرو جي قتل جي پوسٽ مارٽم رپورٽ جاري ٿي وئي ڊاڪٽر پاران جاري ڪيل پوسٽ مارٽم رپورٽ ۾ ٽنگن جسم تي تشدد جا واضح نشان ۽ موت تشدد سبب واقعي ٿيڻ جو انڪشاف ٿيو آهي حتمي پوسٽ مارٽم رپورٽ موجب ته پوليس تشدد سبب سندس جسم تي ڳاڙها نيلا زخم ظاهر هئا جنهن سبب سندن موت واقع ٿيو آهي واضح رهي ته اٽڪل 2 مهينو اڳ شهدادپور پوليس حراست ۾ وحشياڻي تشدد دوران هيڊ ماسٽر جام عزيز جکرو فوت ٿيو هو ايف آءِ اي نواب شاهه پاران ايس ايڇ او شهدادپور غلام شبير دلواڻي پوليس اهلڪارن محرم زرداري گلو زرداري امان الله ساند، رفيق اڄڻ نور علي لاکو تنوير جت گل شير چانڊيو مختيار راجپوت الهجايو پنهور خلاف ڪيس داخل ڪيو هو واقعي ۾ رفيق اڄڻ ۽ نور علي لاکو جيل ۾ آهن جڏهن ته باقي ڪچي ضمانت تي ٻاهر آهن پوسٽ مارٽم رپورٽ بعد سندن ڀاءُ فريادي جام حيدر پاران ملوث جوابدارن کي گرفتار ۽ سخت کان سخت سزا ڏيڻ جو مطالبو ڪيو آهي

دڙي پرسان ڳوٺ رمضان ميمڻ ۾ قائم پرائمري اسڪول تعليم کاتي جي پٽ وائکي ڪري ڇڏي

گورنمينٽ پرائمري اسڪول رمضان ميمڻ جي عمارت نه هئڻ سبب اسڪول خانه بدوشن طرز جيان هڪ جهڳي ۾ قائم

اسڪول جي نه عمارت، نه ٻارن جي ويهڻ لاءِ فرنيچر نه واش روم، نه بجلي ۽ نه ئي پيئڻ جي پاڻي جي سهولت ميسر آهي: رهواسي

اسڪول ۾ فرنيچر نه هئڻ سبب 50 کان وڌيڪ داخل ٻار سردي توڙي گرمي ۾ سالن کان وٺي پٽ تي ويهي تعليم حاصل ڪن ٿا

دڙو (ن ع) دڙي پرسان ڳوٺ رمضان ميمڻ ۾ قائم پرائمري اسڪول تعليم کاتي جي پٽ وائکي ڪري ڇڏي، قديم گورنمينٽ پرائمري اسڪول رمضان ميمڻ جي عمارت نه هئڻ سبب اسڪول خانه بدوشن طرز جيان هڪ جهڳي ۾ قائم ڪيو ويو اسڪول جي نه عمارت، نه ٻارن جي ويهڻ لاءِ فرنيچر، نه واش روم، نه بجلي ۽ نه ئي پيئڻ جي پاڻي جي سهولت ميسر آهي ڳوٺاڻن طرفان عمارت نه هئڻ سبب سخت سردي جي موسم ۾ پنهنجي مدد پاڻ تحت ڳوٺ ۾ جهڳي قائم ڪري ان ۾ پرائمري اسڪول قائم ڪيو ويو آهي جڏهن ته اسڪول ۾ فرنيچر نه هئڻ سبب 50 کان وڌيڪ داخل ٻار سردي توڙي گرمي ۾ سالن کان وٺي پٽ تي ويهي تعليم حاصل ڪن ٿا. ان سلسلي ۾ هتان جي ڳوٺاڻن ۽ استادن هارون رشيد ميمڻ احمد خان ميمڻ عبدالله ميمڻ علي رضا ميمڻ سڪندر ميمڻ عبدالستار ميمڻ ۽ ٻين اسڪول عمارت ۽ فرنيچر نه ملڻ خلاف احتجاج ڪندي چيو ته گورنمينٽ پرائمري اسڪول رمضان ميمڻ جي عمارت ڪافي سالن کان وٺي نه هئڻ سبب ٻارن جي تعليم متاثر ٿي رهي آهي. هنن چيو ته اسڪول جي پراڻي عمارت ڪري ڊهندي ڪافي سال ٿي ويا آهن جنهن سبب ڳوٺاڻن پنهنجي مدد پاڻ تحت ڳوٺ ۾ جهڳي نماءِ اسڪول قائم ڪيو آهي اسڪول ۾ عمارت ، پاڻي جي اشد ضرورت آهي جنهن ۾ استاد ۽ ٻار روزانو تدريسي عمل هلائين ٿا، جڏهن ته فرنيچر نه هئڻ سبب ٻار پٽ تي ويهي تعليم حاصل ڪن ٿا، هنن سڄاول ضلع جي چونڊيل نمائيندن ۽ تعليم کاتي جي اعليٰ عملدارن کان مطالبو ڪيو ته پرائمري اسڪول رمضان ميمڻ جي عمارت ٺهرائي فرنيچر جي کوٽ ختم ڪئي وڃي.

دڙو: پرائمري اسڪول رمضان ميمڻ جهڳي ۾ قائم، سخت سيءَ شاگرد پٽ تي ويهي تعليم پرائي رهيا آهن

حضرت غازي عباس علمدار عليه السلام جي شبيع جو افتتاح

رياستي خاندان جي معزز شخصيت مير هزائنس علي مراد خان ٽالپور خاص طور شرڪت ڪئي

تقريب دوران حضرت غازي عباس علمدار عليه السلام کي خراج عقيدت پيش ڪيو ويو

سوڀوديرو(ن ع)وادي زهرا راڻي پور ۾ والي رياست مير هزائنس مير علي مراد خان ٽالپر پرنس مهدي رضا خان ٽالپر مير جيجو خان ٽالپر 13 رجب حضرت علي عليه السلام جي آمد جي موقعي تي واديءِ زهره سلامن عليهما راڻي پور ۾ حضرت غازي عباس علمدار جي نئين شبيهه جو شاندار افتتاحي تقريب ۾ شرڪت ڪئي حضرت غازي عباس علمدار عليه السلام جي شبيع جو افتتاح والي رياست خيرپور مير هزائنس پنهنجي هٿن مبارڪن سان ڪيو حضرت غازي عباس علمدار عليه السلام جي شبيع جو دروازو کوليو ويو 13 رجب جي موقعي تي وادي زهرا راڻي پور ۾ پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي خيرپور ميرس جي رياستي خاندان علماءِ سياسي سماجي شخصيتن صحافين ۽ وڏي انگ ۾ مومنن جي شرڪت ڪئي رياستي خاندان جي معزز شخصيت مير هزائنس علي مراد خان ٽالپور خاص طور شرڪت ڪئي جن سان گڏ مير مهدي رضا ٽالپور سندن فرزند وادي زهرا راڻي پور خدام زنوار غلام حسين ملاح زنوار برڪت بهشتي،استاد سولنگي،عبدالرحيم سولنگي،فقير محمد عباسي،غلام جعفر راڄپر،استاد اصغر جعفري سينئر صحافي شوڪت نوناري،سرمد نثار پتو بهادر ڪوڪر ۽ ٻين معزز شخصيتون پڻ موجود هيون. ان موقعي تي علائقي سميت پري پري کان آيل مومنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري پنهنجي عقيدت جو اظهار ڪيو. تقريب ۾ علماءِ ڪرام معزز مومن راڻي پور جون سياسي ۽ سماجي شخصيتون صحافي برادري ۽ هر مڪتب فڪر سان واسطو رکندڙ ماڻهو وڏي تعداد ۾ شريڪ ٿي هن روحاني اجتماع ۾ شرڪت جو شرف حاصل ڪيو تقريب دوران حضرت غازي عباس علمدار عليه السلام کي خراج عقيدت پيش ڪيو ويو جڏهن ته 13 رجب جي مناسبت سان خوشي ۽ مسرت جو اظهار پڻ ڪيو ويو افتتاح بعد حضرت امام علي عليه السلام جي ولادت ۽ قيامت جي فلسفي بابت جشنِ ولادت ۽ ذڪر جون محفلون منعقد ڪيون ويون جن ۾ علماءِ ۽ ذاڪرين اهلِ بيت اطهار عليهم السلام جي عظمت ۽ شان بيان ڪئي آخر ۾ ملڪ، قوم، امن، سلامتي، اتحاد امت ۽ عالمِ اسلام جي سربلندي لاءِ خصوصي دعائون گهريون ويون تقريب انتهائي نظم و ضبط، روحاني فضا ۽ عقيدت سان ڀرپور ماحول ۾ پڄاڻي تي پهتو

شهدادپور ۾ واپڊا روڊ واسڻ پيرسن عورت جو احتجاج

اسان جي برادري زندگي عذاب بڻائي ڇڏي آهي: ڪريم چانڊيو

منهنجي پٽ محمد خان چانڊيو کي گم ڪيو ويو آهي، انصاف ڪيو وڃي

شهدادپور(ن ع) شهدادپور ۾ واپڊا روڊ واسڻ پيرسن عورت مسمات ڪريم چانڊيو شهدادپور پريس ڪلب پهچي دانهيندي چيو آهي ته اسان جي برادري زندگي عذاب بڻائي ڇڏي آهي منهنجي پٽ محمد خان چانڊيو کي 30هزار جي موٽر سائيڪل هڪ لک ۾ ڏياري ٻن ڏينهن کان گم ڪري ڇڏيو اٿن اڪيلي پٽ جي ڳولا لاءِ دربدر آهيان پوليس اين سي داخل ڪري هلائي جاچ لاءِ پيسا پيئي گهري اسان وٽ کائڻ لاءِ ڪجهه ناهي برادري جي سجاد نور وارن پٽ کي جواري شرابي بڻائي ڇڏيو اٿن مڙس لعل محمد معذور آهي ڪيس برادري جي راشد پريل وارن چرس ۾ چالان ڪرائي ڇڏيون ڳوٺ وارو گهر مال متاع سڀ کپائي ڇڏيون هن مطالبو ڪيو ته پٽ کي بازياب ڪرائي مذڪوره ماڻهن مان ڇوٽڪارو ڏياريو وڃي

ڏيپارجا شهر جي سهتا محلا جي رهواسي جو احتجاج

گذريل پنجاهه سالن کان ڪابه بنيادي سهولت نه ڏني وئي آهي: محسن رضا

ناليون اهم ضرورت آهن پوءِ به ان کان محروم رکيو پيو وڃي، مسئلا حل ڪيا وڃن

ڏيپارجا (ن ع) ڏيپارجا شهر جي سهتا محلا

بنيادي سهولت نه ڏني وئي آهي جڏهن ته ناليون اهم ضرورت آهن پوءِ به ان کان

حيدرآباد ۾ معزز شخصيت بشير احمد شاهه جي فرزند عبدالرشيد شاهه جي دستاربندي، جلسو منعقد

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي علائقي حُرڪيمپ ڪالوني واسي معزز شخصيت سيد بشير احمد شاهه المعروف سيد وزير علي شاهه جو فرزند سيد عبدالرشيد شاهه عُمر بن خطاب مدرسه هالاڪاڪ مان ڪلام پاڪ جي تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ حافظ وارو ڪورس مڪمل ڪري ورتو ، ان حوالي سان دستاربنديءَ جو جلسو مدرسي ۾ ڪرايو ويو هو جنهن ۾ مختلف عالم سڳورن خطاب ڪيو ۽ حافظ سيد عبدالرشيد شاهه کي دستار پارائي وئي ان موقعي تي سيد بشير احمد شاهه المعروف سيد وزير علي شاهه جو چوڻ هو ته ”ٻچڙي جي حافظِ قرآن ٿيڻ تي الله تعاليٰ جو شڪر ادا ڪيون ٿا، جنهن اسان کي اهڙو شرف عطا ڪيو آهي“ جڏهن ته حافظ سيد عبدالرشيد شاهه پنهنجي ڪاميابي والدين جي نالي ڪندي چيو ته ”اڄ جي هن نفسا نفسيءَ واري دؤر ۾ والدين کي گهرجي ته هُو پنهنجي ٻارن کي ڪلام پاڪ جي تعليم ڏيارين“ ان موقعي تي پيپلز پارٽي اڳواڻ ۽ يو سي 146 جي وارڊ نمبر 4 جو جنرل ڪائونسلر لالا ابراهيم خان پٺاڻ سيد يوسف شاهه مولانا حافظ سعيد اٿڙ عبدالڪريم اٿڙ سيد انور علي شاهه ابراهيم ملاح جاويد جوڻيجو ۽ ٻيا موجود هئا.

حيدرآباد: معزز شخصيت بشير احمد شاهه جي فرزند عبدالرشيد شاهه جي دستاربندي، جلسو منعقد

خيرپور ۾ گهرو اڻبڻت تان نوجوان پاران زهريلي دوا پي آپگهات جي ڪوشش

خيرپور(ڊ ر) خيرپور ۾ گهرو اڻبڻت تان نوجوان زهريلي دوا پي آپگهات جي ڪوشش ڪئي جوڳي حالت ۾ سول اسپتال خيرپور داخل ڪيو ويو تفصيل موجب خيرپور الهه آباد ڪالوني جو نوجوان عباس

ٺري ميرواهه پرسان ساوڙي ليگ طرفان منعقد ڪرڪيٽ ٽورناميٽ جو فائنل

فائنل سيڪسئير ٽيم کٽي ورتو ڪليڊنڊر ٽيم کي ٽرافي سميت ڪيش انعام ڏنا ويا

رنر اپ ٽيم ساوڙي ليگ جي چيئرمين اخلاق احمد ڪهر کي پڻ انعامن سان نوازيو ويو

ٺري ميرواهه(ن ع) ٺري ميرواهه پرسان ساوڙي ۾ ساوڙي ليگ جي ميزباني هيٺ ڏهن ڏينهن کان جاري ڪرڪيٽ ٽورناميٽ جو فائنل مقابلو سيڪسئير ٽيم کٽي ورتو آهي ڪرڪيٽ ٽورناميٽ ايڊووڪيٽ اي ڪي پٽي جي ميزباني هيٺ ٿي گذري، فائنل مقابلو سيڪسئير ٽيم ونر قرار ڏني وئي، جنهن جي ڪپتان شوڪت سميت سمورن رانديگرن کي نقد انعام ۽ ٽرافيون ڏنيون ويون جڏهن ته رنر اپ ٽيم ساوڙي ليگ جي چيئرمين اخلاق احمد ڪهر کي پڻ انعامن سان نوازيو ويو. ان موقعي تي ٺري ميرواهه ڊگري ڪاليج جي پرنسپل محمد ياسين ماڇڻ ايڊووڪيٽ الله ڏنو شر ايڊووڪيٽ امجد لغاري ايڊوڪيٽ غلام ياسين صحافي اطهر سهتو سميت ٻين معزز مهمانن شرڪت ڪئي. مهمانن کي ساوڙي ليگ جي باني ايڊووڪيٽ اي ڪي پٽي پاران سنڌي اجرڪ جا تحفا پڻ پيش ڪيا ويا.

Sawri Premier League
Season 4
CHAMPION
SPL Management Committee
ٺري ميرواهه: فائنل سيڪسئير ٽيم کٽي ورتو ڪليڊنڊر ٽيم کي ٽرافي سميت ڪيش انعام ڏنا ويا

عورتن جي تحفظ لاءِ جڙيل قانون تي عملدرآمد ٿيڻ گهرجي: عابده سيلرو

قانونن ۽ پڌرنامن تي عملدرآمد نه ٿيڻ سبب عورتن مٿان ظلم ۽ تشدد جاري آهي

تشدد ۽ ڪاروڪاري جي واقعن سماج جي هر فرد کي سوچڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي

شهدادڪوٽ(ڊ ر) انسان همدرد فورم جي چيئرمين ۽ ويمن رائيٽس ايڪٽيوسٽ ميڊم عابده سيلرو چيو آهي ته عورتن جي تحفظ توڙي رائيٽس بابت سرڪار پاران لاتعداد جڙيل قانون ۽ ڏيهي توڙي پرڏيهي پڌرناما موجود هئڻ باوجود انهن قانونن ۽ پڌرنامن تي عملدرآمد نه ٿيڻ سبب اڄوڪي سماج ۾ عورتن مٿان تشدد جاري آهي ان جا خطرناڪ انگ اکر جاري ڪيا پيا وڃن جيڪو الميو آهي صرف گذريل سال عورتن تي ٿيندڙ تشدد ۽ ڪاروڪاري جي واقعن سماج جي هر فرد کي سوچڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي. عورتن تي ٿيندڙ تشدد بابت سيمينار ۾ خاص مهمان جي حيثيت ۾ ڳالهائيندي ميڊم عابده سيلرو وڌيڪ چيو ته عورتن تي ٿيندڙ تشدد جي خاتمي توڙي ان جي حقن بابت اسان جي سرڪار پاران هن وقت تائين تمام گهڻو قانون سازي ڪئي ۽ ساراهه جوڳا اپاءَ پڻ ورتا آهن هينئر ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته انهن قانونن تي سختي سان عملدرآمد ڪرائڻ جي ضرورت آهي جيئن عورتن جا اهڃ گهٽجي سگهن ۽ تشدد جا واقعا گهٽ ٿي سگهن

صوفي بزرگ حضرت سيد پير شهمير جيلانيءَ جو عرس مبارڪ شروع

گادي نشين پير عبدالحق پيرزادو مزار شريف تي حاضري ڀري چادر چاڙهي

رئيس فيصل خان ڏاهري پاران گهوڙن جي ڊوڙ پڻ ڪرائي ويندي، انتظام مڪمل

دولتپورصفن(ن ع) سنڌ مشهور روحاني صوفي بزرگ حضرت سيد پير شهمير جيلانيءَ رحمت الله عليه جو ساليانو عرس مبارڪ شروع ٿي ويو درگاهه شريف جي گادي نشين پير عبدالحق پيرزادو مزار شريف تي حاضري ڀري گلن جي چادر چاڙهي سردار علي جان ڏاهري خصوصي طور شرڪت ڪئي جڏهن ته ميلي کي ڪنوار جيان سينگاريو ويو آهي جڏهن ته ملهه ملاکڙو پڻ ٿيندو جڏهن ته مشهور زميندار رئيس فيصل خان ڏاهري پاران گهوڙن جي ڊوڙ پڻ ڪرائي ويندي انتظام مڪمل ٿي ويا ان موقعي تي سردار علي جان ڏاهري ڳوٺ پهچي درگاهه حضرت پير شهمير جيلاني تي حاضري ڀري ۽ خانن گاديءَ نشين پير عبدالحق پيرزادو پير عباس پيرزادو پير حاجن خان پيرزادو پير سرفراز پير شعيب پير رضوان علي پير محمد امين پير فيضان علي پير امجد پير فرحان علي پيرزادو ۽ درگاهه شريف جي مريدن خادمن توڙي عقيدت مندن سان گڏجي مزار تي چادر چاڙهي سائين جي عرس مبارڪ جي تقريبن جو افتتاح ڪيو ان موقعي تي درگاهه شريف جي گاديءَ نشين پير عبدالحق پيرزادو پاران سڀني مريدن عقيدتمند دوستن کي شرڪت جي دعوت ڏني آهي

سکر ۾ دي هورائزن اسڪولنگ سسٽم جي نئين بلڊنگ جو افتتاح

تعليم اسان جي بنيادي ضرورتن ۾ شامل آهي: غلام قادر چانڊيو

دنيا جي گولي تي جن به ملڪن ترقي ڪئي آهي انهن ۾ تعليم جو بنياد شامل آهي

سکر (ن ع) دي هورائزن اسڪولنگ سسٽم جي نئين بلڊنگ جي افتتاحي تقريب جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ تعليمي ماهرن سميت مختلف مڪتب فڪر جي شخصيتن شرڪت ڪئي جن ۾ ايم پي اي غلام قادر چانڊيو ڊائريڪٽر پرائيويٽ اسڪول ايجوڪيشن ميڊم شهناز لاکو تعلقه ايجوڪيشن آفيسر ميڊم شفقت آراءِ آرائين اسسٽنٽ ڪمشنر رميز راجا، ڊي ايس پي اشفاق باجوه، چيئرمين ٽائون سيد عذير اختر شاهه. سنڌ ٿنڪرس فورم جو چيئرمين سيد منير شاهه سکر پريس ڪلب جو صدر غلام حيدر سولنگي آفتاب احمد مگسي. نوراحمد لاکو ڊاڪٽر خالد آرائين شهري اتحاد جو صدر ساول ڪيريو انڊس فورم جو صدر مجيد عباسي سکر پريس ڪلب جو جنرل سيڪريٽري غلام نبي ملاح تنظيم آرائيان جو صدر ڊاڪٽر نعمت آرائين سميت ڪئي شخصيتون شريڪ هيون جن الڳ الڳ ڳالهائيندي چيو ته تعليم بنيادي ضرورتن ۾ شامل آهي دنيا جي گولي تي جن به ملڪن ترقي ڪئي آهي انهن ۾ تعليم جو بنياد شامل آهي ان ڪري ڪوشش اها هئڻ گهرجي ته تعليمي پاسا سگهارا هجن اسين سمجهون ٿا ته ان ۾ هورائيزن جهڙا ادارا هئڻ ضروري آهن اسين سلام ٿا پيش ڪيون آصف علي آرائين کي جنهن مستقبل جي معمارن جي لاءِ بهترين ادارو قائم ڪيو آهي اسان جو ساٿ ۽ سهڪار هن اداري سان گڏ هوندو ان کان اڳ هورائيزن اسڪول جي ايم ڊي آصف علي آرائين آيل مهمانن کي آجياڻو پيش ڪيو جنهن بعد سمورن مهمانن کي لنگيون پارايون ويون ان موقعي تي مراد علي ملاح حاڪم چانڊيو نياز لاشاري، اشرف آرائين، ارشد آرائين عبدالرب راجپوت، ايڊووڪيٽ نويد سومرو حيدر خانزاده، جاويد سومرو سميت ڪئي شخصيتون شريڪ هيون آخر ۾ ڊائريڪٽر ميڊم شهناز لاکو ۽ ايم پي اي غلام قادر چانڊيو ايم ڊي آصف آرائين سان گڏ اسڪول جي بلڊنگ جو افتتاح ڪيو

ٺري ميرواهه ۾ پ پ سينيئر پاران مختلف جاين تي عذرخواهيون

سيد ڪاظم علي شاهه لڪياري سان سيٺارجا ٽائون جي شهرين جي ملاقات

جلد بنيادي مسئلا حل ڪرائي عوام کي سهولتون فراهم ڪيون وينديون: سيد ڪاظم علي شاهه

ٺري ميرواهه(ن ع) پيپلزپارٽي جي سينيئر سيد ڪاظم علي شاهه لڪياري ۽ اڳوڻي ڊي اي او سيڪنڊري خيرپور عبدالسميع پنهور سيٺارجا جي محلا عثمان آباد پهچي مرحوم استاد سردار علي آرائين جي لاڏاڻي تي مرحوم جي وارثن استاد امتياز علي آرائين سان تعزيت ڪئي پ پ سينيئر سيد ڪاظم علي شاهه لڪياري سان سيٺارجا ٽائون جي شهرين پڻ ملاقاتون ڪري مسئلن متعلق آگاهي ڏني جنهن ۾ ٽائون ڪاميٽي سيٺارجا جي اڳوڻي ڪائونسلر سرائي مشتاق حسين خاصخيلي،محمد صالح صاحب راڄپر اطهر گلاب سهتو مظهر سهتو ۽ ٻين پڻ ملاقات ڪري علائقي جي اهم مسئلن روهڙي ڪئينال ڏيپارجا پل جي زبون حالي،سيٺارجا محرابپور لنڪ روڊ جي مرمت، بي ايڇ يو سيٺارجا اپ گريڊ نه ٿيڻ سميت ٻين مسئلن متعلق آگاهي ڏني جنهن تي سينئر سيد ڪاظم علي شاهه لڪياري چيو ته پيپلزپارٽي عوامي خدمت تي يقين رکي ٿي جلد اهي مسئلا حل ڪرائي عوام کي سهولتون فراهم ڪيون وينديون ان موقعي تي استاد مور سنڌي،

ٺري ميرواهه: سيد ڪاظم علي شاهه لڪياري سان سيٺارجا ٽائون جي شهرين جي ملاقات

خيرپور جي بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ دڪان مان چوري

سيمينٽ جي دڪان مان گذريل رات نامعلوم چور لکين رپين جي چوري ڪري فرار

متاثر ڌر جو دڪان ٻاهران احتجاجي مظاهرو پوليس خلاف سخت نعريبازي، انصاف جي گهر

خيرپور(ڊ ر) خيرپور جي بي سيڪشن ٿاڻي جي حد لقمان چونڪي پرسان سيمينٽ جي دڪان مان گذريل رات نامعلوم چور لکين رپين جي چوري ڪري فرار متاثر ڌر جو دڪان ٻاهران احتجاجي مظاهرو پوليس خلاف سخت نعريبازي احتجاج جي اڳواڻي غلام مصطفيٰ ڦلپوٽو اياز مانگ، شاهد مانگ، ياسين احمد مانگ جاويد احمد مانگ، واحد احمد مانگ، عبدالقيوم ڦلپوٽو ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا احتجاج ڪندڙ دانهيندي چيو ته بي سيڪشن ٿاڻي جي حد لقمان وڏي زيادتي آهي هنن چيو ته خيرپور پوليس جي ڦيٿيان آفيسر صفا ڪم نه ٿا ڪن پوليس هن وقت تائين ڪک پڇي ناهي ڪيو چورين ڦرون ڌاڙا روز جو معمول بڻيل آهي لقمان چونڪي پرسان چوري آساني سان وارادات ڪري ويا آهن پوليس اڳهور ننڊ سُتل آهي. مظاهرين چيو ته خيرپور جي عوام توڙي واپاري ۽ ڪاروبار ڪندڙ ماڻهن مڪمل غير محفوظ بڻجي ويا آهن پوليس بيگناهه ماڻهن کي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ ۾ مصروف آهي .هنن ڊي آءِ جي سکر . ايس

سنڌ زرعي يونيورسٽي ۾ انڊرگريجوئيٽ داخلائن لاءِ شفاف ۽ ميرٽ تي ٻڌل نئون نظام متعارف

داخلا سرگرمي جي پهرئين ڏينهن شهيد بينظير آباد، نوشهروفيروز ۽ سانگهڙ ضلعن جي شاگردن ۽ شاگردياڻين جي شرڪت

زرعي يونيورسٽي جي وائيس چانسلر انجنيئر پروفيسر ڊاڪٽر الطاف علي سيال جاري داخلا سرگرمين جو تفصيلي جائزو ورتو

سنڌ زرعي يونيورسٽي جا ڊگري پروگرام قومي ۽ بين الاقوامي سطح تي پنهنجي تعليمي اهميت ۽ تحقيقي معيار جي ڪري نمايان حيثيت رکن ٿا: وي سي

ٽنڊوڄام (ن ع) سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام انڊرگريجوئيٽ ڊگري پروگرامن ۾ داخلائن لاءِ هڪ شفاف، جديد ۽ شاگرد دوست نظام متعارف ڪرائي ڇڏيو آهي، جنهن تحت اميدوارن کي سندن تعليمي قابليت، ميرٽ ۽ ذاتي دلچسپي موجب ڊگري پروگرام چونڊڻ جي سهولت ڏني پئي وڃي. هي نئون نظام يونيورسٽي جي داخلا عمل ۾ هڪ اهم سڌارو قرار ڏنو پيو وڃي. نئين طريقيڪار تحت مڪمل طور ميرٽ جي بنياد تي اوپن ۽ شفاف تعارفي ويهڪ، انٽري ٽيسٽ جي نتيجن ۽ اميدوارن جي چونڊ (چوائس بيسڊ آپشن سسٽم) کي نظر ۾ رکندي موقعي تي داخلائون ڏنيون پيون وڃن هن شفاف ۽ منصفاڻي نظام کي شاگردن، والدين ۽ تعليمي حلقن پاران وڏي پذيرائي حاصل ٿي رهي آهي.داخلا سرگرمي جي پهرئين ڏينهن شهيد بينظير آباد، نوشهروفيروز ۽ سانگهڙ ضلعن سان تعلق رکندڙ سوين شاگردن ۽ شاگردياڻين داخله عمل ۾ شرڪت ڪئي آهي داخلائون يونيورسٽي جي پنجن ئي فئڪلٽين انفارميشن ٽيڪنالاجي سينٽر ۽ انسٽيٽيوٽ آف فوڊ سائنسز اينڊ ٽيڪنالاجي ۾ بيچلر ڊگري پروگرامن لاءِ ڪيون پيون وڃن اميدوارن کي هڪ منظم طريقي سان سندن ميرٽ ۽ ذاتي دلچسپي موجب ڊگري پروگرام چونڊڻ جو موقعو ڏنو ويو جنهن کان پوءِ تعارفي انٽرويوز مڪمل ٿيندي ئي ميرٽ تي داخلائون ڏنيون ويون شاگردن ۽ سندن والدين جي سهولت ۽ شفافيت کي يقيني بڻائڻ لاءِ الڳ انتظارگاهون رهنمائي ڊيسڪ اسڪرينن تي جنرل ميرٽ لسٽن جي نمائش موقعي تي داخلا جو فيصلو ڪرڻ بعد فيس چالان جاري ڪرڻ ۽ گهربل ڊاڪيومينٽس جي جمع ڪرائڻ لاءِ خاص ڪائونٽر قائم ڪيا ويا هئا ان سڄي مرحلي دوران مختلف فئڪلٽين جا ڊينز ۽ داخلا ڪميٽي جا ميمبر اميدوارن جي ميرٽ ۽ ترجيحن موجب مڪمل رهنمائي فراهم ڪندا رهيا، ان موقعي تي وائيس چانسلر انجنيئر پروفيسر ڊاڪٽر الطاف علي سيال جاري داخلا سرگرمين جو تفصيلي جائزو ورتو ۽ اميدوارن توڙي سندن والدين سان سڌي ملاقات ڪري انتظامن ۽ طريقيڪار بابت راءِ ورتي شاگردن ۽ والدين هن اوپن ۽ شفاف نظام تي مڪمل اطمينان جو اظهار ڪيو وائيس چانسلر ڊاڪٽر الطاف علي سيال چيو ته اسڪرينن تي سمورين تعليمي ڪارڪردگي انٽري ٽيسٽ جا نتيجا ۽ ضلعي سطح تي موجود سيٽن جي بنياد تي داخلائون ڏيڻ انتهائي شفاف، ميرٽ تي ٻڌل ۽ جديد طريقو آهي، جنهن تي ملڪ جون چند يونيورسٽيون عمل ڪري رهيون آهن هن چيو ته هن نئين نظام جو پهريون مرحلو ڪاميابي سان مڪمل ٿيو آهي، حتمي ميرٽ لسٽ جاري ڪرڻ ۾ ڪا به غير ضروري دير نه ڪئي ويندي ۽ هلندڙ مهيني ۾ ئي پهرين سال جا ريگيولر ڪلاسن جي شروعات ڪئي ويندي، جڏهن ته ماضي ۾ هن مرحلي تي گهڻو وقت لڳندو هو ڊاڪٽر الطاف سيال وڌيڪ چيو ته سنڌ زرعي يونيورسٽي جا ڊگري پروگرام قومي ۽ بين الاقوامي سطح تي پنهنجي تعليمي اهميت، تحقيقي معيار ۽ عملي تربيت جي ڪري نمايان حيثيت رکن ٿا، ان موقعي تي فئڪلٽي آف ڪراپ پروڊڪشن جي ڊين ڊاڪٽر عنايت الله راڄپر رجسٽرار غلام محي الدين قريشي ۽ ٻيا اعليٰ عملدار پڻ موجود هئا، يونيورسٽي ترجمان موجب داخلا عمل 9 جنوري تائين جاري رهندو جنهن تحت 6 جنوري تي عمرڪوٽ، ٿرپارڪر ۽ ميرپورخاص، 7 جنوري تي حيدرآباد، ٺٽو ۽ سڄاول، 8 جنوري تي ڄامشورو، مٽياري ۽ ٽنڊوالهيار جڏهن ته 9 جنوري تي ڪراچي ٽنڊو محمد خان ۽ بدين سان تعلق رکندڙ اميدوارن کي سندن ميرٽ ۽ ترجيحن موجب ڊگري پروگرامن ۾ داخلائون ڏنيون وينديون ان کان اڳ ساڳئي شفاف نظام تحت سنڌ زرعي يونيورسٽي جي عمرڪوٽ ڪيمپس ۽ خيرپور ڪاليج آف ايگريڪلچر اينڊ مئنيجمينٽ سائنسز ۾ به داخلائون ڪاميابي سان مڪمل ڪيون ويون آهن.

ٽنڊوڄام: زرعي يونيورسٽي ۾ بيچلرز ڊگري پروگرام داخلا جي حوالي سان وائيس چانسلر کي بريفنگ ڏيندي

حيدرآباد ۾ واڙڪي وسي جي ڳوٺ بلوچ جي رهواسي لغاري برادري جو احتجاجي مظاهرو

عورتن ۽ مردن مبينا منشيات فروشن پاران قاتلاڻو حملو ڪرڻ ۽ پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو

منشيات وڪرو ڪندڙ گوپال لغاري، جاڻ لغاري، پيرو لغاري وارن فائرنگ ڪري نينگر کي زخمي ڪيو آهي: مظاهرين

اسان کي منشيات فروشن ۽ پوليس کان خطرو آهي جيڪي گڏجي اسان خلاف ڪا به غيرقانوني ڪارروائي ڪري سگهن ٿا

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي واڙڪي وسي جي ڳوٺ بلوچ جي رهواسي لغاري برادري جي عورتن ۽ مردن مبينا منشيات فروشن پاران قاتلاڻو حملو ڪرڻ ۽ پوليس خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون اشفاق لغاري،شبير لغاري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. ان موقعي تي هنن الزام هڻندي چيو ته ڳوٺ بلوچ خان لغاري ۾ منشيات وڪرو ڪندڙ گوپال لغاري، جاڻ لغاري، پيرو لغاري وارن فائرنگ ڪري اسان جي هڪ 12ورهين جي نينگر کي گوليون هڻي زخمي ڪري ڇڏيو جڏهن ته ڪهاڙي جي وار سبب شبير لغاري زخمي ٿي پيا آهن جڏهن ته هڪ ڇڪي حبدار لغاري کي ڪنهن گم ڪيو ويو آهي. هنن چيو ته حد جي پوليس واقعي جو ڪيس داخل ڪرڻ کانپوءِ جوابدار ڌر جا 2ڄڻا گرفتار ڪري ٿاڻي تي مهمان ڪري ويهاريا آهن جڏهن ته جوابدار ڌر ڪيس تان هٽ نه ڪڻ تان اسان جي هڪ ماڻهو حبدار کي ڪنهن گم ڪري ڇڏيو آهي ۽ پوليس جوابدارن جي ونگاري بڻيل آهي. هنن چيو ته اسان کي منشيات فروشن ۽ پوليس کان خطرو آهي جيڪي گڏجي اسان خلاف ڪا به غيرقانوني ڪارروائي ڪري سگهن ٿا.هنن ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي حيدرآباد کان مطالبو ڪيو ته ماجري جو نوٽس وٺي ڪيس ۾ ڄاڻايل جوابدارن کي گرفتار ڪري تحفظ ڪيو وڃي

سنڌ ۾ هزارين سينيئر سٽيزن بايوميٽرڪ نه ٿيڻ سبب بينظير هاري ڪارڊ تحت ملندڙ رقم کان محروم

وڏي عمر سبب آڱرين جا نشان واضح نه هئڻ ڪري بايوميٽرڪ مڪمل نٿو ٿئي، بينڪ وارا رقم جاري ڪرڻ کان انڪاري

روزاني بنياد تي سوين سينيئر سٽيزن اعليٰ عدالت ۾ درخواستون داخل ڪرائڻ لاءِ اچي رهيا آهن: ايڊووڪيٽ اختيار احمد پنهور

هنگامي بنيادن تي سنڌ بينڪ جي انتظاميه 60 سالن کان وڌيڪ عمر وارن بزرگن کي بغير بايوميٽرڪ جي بينظير هاري ڪارڊ جاري ڪري

خيرپور(ڊ ر) سنڌ ۾ 60 سالن کان وڌيڪ عمر وارا هزارين سينيئر سٽيزن بايوميٽرڪ نه ٿيڻ سبب بينظير هاري ڪارڊ تحت ملندڙ رقم کان محروم ٿي ويا آهن ان حوالي سان سنڌ جي نامياري قانوندان اختيار احمد پنهور ايڊووڪيٽ هاءِ ڪورٽ ٻڌايو ته اتر سنڌ جا ڪيترائي بزرگ اچي رهيا آهن جيڪي شڪايت ڪن ٿا ته وڏي عمر سبب سندن بايوميٽرڪ نه پيو ٿئي جنهن ڪري هو هاري ڪارڊ تحت ٻج ۽ ڀاڻ جي مد ۾ ملندڙ رقم حاصل نٿا ڪري سگهن هن چيو ته وڏي عمر سبب آڱرين جا نشان واضح نه هئڻ ڪري بايوميٽرڪ مڪمل نٿو ٿئي جنهن سبب سنڌ بينڪ جا عملدار هاري ڪارڊ جي رقم ڏيڻ کان انڪار ڪري رهيا آهن ۽ ان صورتحال سبب بزرگ سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن اختيار احمد پنهور ايڊووڪيٽ چيو ته وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه سنڌ بينڪ جي انتظاميه کي هدايتون جاري ڪري ته ڪڻڪ جي پوک جي مد ۾ جن هارين ٻج ۽ ڀاڻ خريد ڪئي آهي انهن 60 سالن کان وڌيڪ عمر وارن سينيئر سٽيزنز لاءِ بايوميٽرڪ جي شرط ختم ڪري کين رقم ادا ڪئي وڃي هن وڌيڪ چيو ته روزاني بنياد تي سوين سينيئر سٽيزن اعليٰ عدالت ۾ درخواستون داخل ڪرائڻ لاءِ اچي رهيا آهن، جو ته وڏي عمر سبب سندن بايوميٽرڪ نٿي ٿئي تنهن ڪري هنگامي بنيادن تي سنڌ بينڪ جي انتظاميه 60 سالن کان وڌيڪ عمر وارن بزرگن کي بغير بايوميٽرڪ جي بينظير هاري ڪارڊ جاري ڪري، رقم فوري طور تي ادا ڪري

خيرپور: سنڌ صحافي اتحاد ويلفيئر جي چونڊيل باڊي گروپ

سکر شوگر ملز جي خساري ۾ 93.13 سيڪڙو جي گهٽتائي رڪارڊ

اسلام آباد (اي پي پي)سکر شوگر ملز جي خساري ۾ ساليانو بنيادن تي 93.13 سيڪڙو جي گهٽتائي ٿي آهي ڪمپني جي ساليانو نتيجن مطابق 30 سيپٽمبر 2025ع تي ختم ٿيل سال لاءِ سکر شوگر ملز جو خسارو 16.9 ملين رپيا گهٽجي ويو جڏهن ته 30 سيپٽمبر 2024ع تي ختم ٿيل سال دوران ڪمپني جو خسارو 246 ملين رپيا رهيو هو اهڙي طرح 30 سيپٽمبر 2024ع تي ختم ٿيل سال جي ڀيٽ ۾ 30 سيپٽمبر 2025ع تي ختم ٿيل سال دوران سکر شوگر ملز جي ساليانو خساري ۾ 229.1 ملين رپيا يعني 93 سيڪڙو کان وڌيڪ جي نمايان گهٽتائي رڪارڊ ٿي آهي

سکر شهر ۽ آس پاس جي ماڻهن لاءِ سستي ميڊيڪل اينڊ سرجيڪل اسٽور قائم

سکر (ن ع) پروفيسر سيد منظور شاهه پاران سکر شهر ۽ آس پاس جي ماڻهن لاءِ ملٽي نيشنل ڪمپنين جون دوائون هول سيل ۽ مناسب اگهه تي ملڻ جي سلسلي ۾ قاضي سرفراز ميمڻ چوڪ تي سستي ميڊيڪل اينڊ سرجيڪل اسٽور قائم ڪيو ويو جنهن جي شاندار افتتاحي تقريب منعقد ڪئي جنهن ۾ مختلف مڪتب فڪر جي شخصيتن شرڪت ڪئي جن ۾ پ پ ضلعي صدر محمد سالم زرداري، ضلعي جنرل سيڪريٽري علي حيدر شاهه مير محمد سيال راشد چانڊيو سيد آصف شاهه جيلاني نور احمد لاکو غلام حيدر سولنگي .غلام نبي ملاح اسسٽنٽ ڪمشنر رميز راجا، سيد محبوب شاهه ۽ نثار احمد ڪيڙو سميت ڪئي شخصيتون شريڪ هيون افتتاحي تقريب ۾ ضلع ڪائونسل جي ميمبر سيد شايان شاهه ربن ڪٽڻ کان اڳ دعا گهرائي ان موقعي تي ميزبان سيد منظور شاهه پاران آيل مهمانن کي سنڌي ٽوپين ۽ لنگين جا تحفا پيش ڪندي کين آجياڻو پڻ پيش ڪري سندن آمد تي شڪريو ادا ڪيو ان کان اڳ سيد

محرابپور ۾ صحافي اتحاد ويلفيئر ايسوسيئيشن جي چونڊ

تعلقي صدر قاسم علي شيخ سينيئر نائب صدر آفتاب چاچڙ منتخب

سٽ جا چونڊيل ساٿي عوامي حقن لاءِ سگهاري جدوجهد ڪندا: ظفر تگڙ

محرابپور (ت ر) محرابپور ۾ صحافي اتحاد ويلفيئر ايسوسيئيشن تعلقي محرابپور جي سال 2026 لاءِ چونڊ سينيئر صحافي ظفر تگڙ ۽ ضلعي صدر غلام شبير اڄڻ جي نگراني ۾ ٿي جنهن ۾ تعلقي صدر قاسم علي شيخ سينيئر نائب صدر آفتاب چاچڙ نائب صدر دريا خان سومراهه جنرل سيڪريٽري مولابخش ٿيٻو جوائنٽ سيڪريٽري پرويز احمد شر ڊپٽي جوائنٽ سيڪريٽري عطا حسين سهتو آفيس سيڪريٽري ابراهيم نوناري پريس سيڪريٽري عجب گل لاشاري خزانچي مدد علي رند کي متفقه راءِ سان چونڊيا ويا جڏهن ته ايگزيڪيٽو چيئرمين اطهر حسين جوکيو وائيس چيئرمين مجاهد سامٽيو ۽ ميمبرن ۾ سريچند اڏلاڻي گلاب ميمڻ خالد گهانگهرو عمران لاشاري ۽ واحد ميمڻ شامل آهن جڏهن ته تنظيم جي سرواڻ ظفر تگڙ غلام شبير اڄڻ ۽ ٻين چونڊجي آيل سمورن عهديدارن کي گلن جا هار پارائي مبارڪون ڏيندي چيو ته تنظيم جا سٽ جا چونڊيل ساٿي عوامي حقن سميت صحافين جي درپيش مسئلن ۽ حقن لاءِ قلم ذريعي سگهاري جدوجهد ڪندا.

جام صاحب ۾ معذورن جي ٽئين ڏينهن به بک هڙتال

پريس ڪلب آڏو ٽئين ڏينهن به علامتي بک هڙتالي ڪيمپ قائم ڪئي

مطالبا تسليم نه ڪيا ويا ته پنهنجو پاڻ کي ٻچن سميت باهه ڏئي ساڙينداسين: معذور

جام صاحب (ن ع) جام صاحب ۾ معذورن خادم حسين شيخ،گاجي خان سري، غلام مجتبيٰ شر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب آڏو اڄ ٽئين ڏينهن به علامتي بک هڙتال ڪيمپ قائم ڪئي وئي ان جڏهن سخت سردي سبب معذور خادم حسين جي نياڻيون رابيل ۽ سنڌ بيمار ٿي پيون آهن هن وڌيڪ ميڊيا سان ڳالهائيندي معذورن چيو ته مسلسل هر هفتي احتجاج کان پوءِ اسان علامتي بک هڙتالي ڪئمپ قائم ڪري اڄ ٽئين ڏينهن به علامتي بک هڙتال ڪيمپ تي ويٺل آهيون پر ضلع انتظاميه توڙي پ پ قيادت جو اڳواڻ اسان وٽ لڙي نه آيو نه ئي اسان سان ڳالهائڻ لاءِ تيار ناهن،معذور چتاءُ ڏيندي چيو ته جيڪڏهن اسان جا مطالبا تسليم نه ڪيا ويا ته پنهنجو پاڻ کي ٻچن سميت باهه ڏئي ساڙينداسين.

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پبلر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ ڪٽي ڪاٽو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانہ عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
روزاني عبرت
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

اڱارو 06 جنوري 2026ع

دهشتگردي: علائقائي ذميواريون ۽ اندروني چئلينج

دهشتگردي اڄ بہ پاڪستان لاءِ سڀ کان اهم چئلينج آهي، جيڪو صرف سرحدن اندر ئي نہ پر علائقائي سطح تي بہ ڳڻتي جو سبب آهي. هڪ پاسي پاڪستان ۽ چين گڏيل طور افغانستان تي زور ڏئي رهيا آهن تہ هو پنهنجي سرزمين تي موجود دهشتگرد تنظيمن خلاف واضح ۽ نتيجہ خيز قدم کڻي تہ ٻئي پاسي ڪراچيءَ مان هٿ آيل بہ هزار ڪلوگرام کان وڌيڪ تيار بارودي مواد اهو ثابت ڪري ڇڏيو آهي تہ دهشتگرديءَ جو نيٽ ورڪ اڃا تائين سرگرم آهي ۽ موقعو ملڻ شرط وڏين تباهين جو منصوبو رکن ٿا. اهي ٻئي واقعا گڏجي پاڪستان جي سلامتي صورتحال جي سنجيدگي ۽ پيچيدگيءَ کي اجاگر ڪن ٿا.

بيجنگ ۾ پاڪستان ۽ چين جي پرڏيهي وزيرن جي ملاقات کانپوءِ جاري ٿيل گڏيل بيان رڳو سفارتي ٻولي نہ، پر علائقائي حقيقتن جو اظهار بہ آهي. پاڪستان ڊگهي عرصي کان اهو موقف اختيار ڪندو رهيو آهي تہ افغان سرزمين تي موجود شدت پسند تنظيمون، خاص طور تي تحريڪ طالبان پاڪستان (ٽي ٽي پي)، پاڪستان اندر دهشتگرد ڪارروايون ڪري رهيون آهن اسلام آباد بار بار افغان طالبان حڪومت تي الزام لڳائيندو رهيو آهي تہ اهي گروهہ افغانستان ۾ محفوظ ٺڪاڻا رکن ٿا، جڏهن تہ ڪابل انهن الزامن جي ترديد ڪندو رهيو آهي. چين جو پاڪستان سان گڏ ان موقف جي حمايت ڪرڻ، علائقائي سفارتڪاري ۾ پاڪستان لاءِ اهم اخلاقي ۽ سياسي سهارو سمجهيو وڃي ٿو. ٻنهي ملڪن پاران افغانستان تي زور ڏنو ويو آهي تہ هو نہ صرف دهشتگرد تنظيمن جي خاتمي لاءِ قدم کڻي پر اهي قدم قابلِ تصديق بہ هجن، جيئن علائقائي ۽ عالمي سطح تي اعتماد بحال ٿي سگهي. اهو پڻ چيو ويو آهي تہ افغان سرزمين ڪنهن بہ ملڪ خلاف دهشتگرديءَ لاءِ استعمال نہ ٿيڻ گهرجي. هي نقطو خاص اهميت رکي ٿو ڇاڪاڻ تہ پاڪستان کي گذريل ٻن ڏهاڪن کان سرحد پار دهشتگرديءَ جو وڏو نقصان پهچڻو پيو آهي. چين جهڙي عالمي طاقت جو پاڪستان سان گڏ بيهڻ، ان ڳالهہ جو ثبوت آهي تہ دهشتگردي هاڻي صرف پاڪستان جو مسئلو نہ رهيو آهي پر سڄي خطي جي سلامتيءَ سان جڙيل معاملو بڻجي چڪو آهي. ٻئي طرف ڪراچيءَ ۾ سي ٽي ڊي ۽ ٻين قانون نافذ ڪندڙ ادارن جي بروقت ڪارروائي پاڪستان جي اندروني سلامتيءَ جي محاذ تي هڪ اهم ڪاميابي آهي. بہ هزار ڪلوگرام کان وڌيڪ تيار بارودي مواد جي هٿ اچڻ مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ جيڪڏهن هي مواد استعمال ٿي وڃي ها تہ ڪراچي جهڙي ميگا شهر کي ڪهڙي سطح جي تباهيءَ کي منهن ڏيڻو پوي ها. ابتدائي جاچ مطابق اهو مواد افغانستان کان بلوچستان وسيلي ڪراچي پهچايو ويو جيڪو بيهر سرحد پار دهشتگرديءَ جي خدشن کي هٿي ڏئي ٿو سي ٽي ڊي عملدارن جو اهو چوڻ تہ هن منصوبي جي پويان پابندي پيل تنظيمن جا نيٽ ورڪ ملوث آهن، جا انتهائي ڳڻتيءَ جوڳي ڳالهہ آهي. ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ دهشتگرد تنظيمون رڳو هٿياربند ڪارروايون ناهن ڪنديون پر منظم نيٽ ورڪ، مالي مدد ۽ بين الاقوامي سهولتڪارن سان ڳنڍيل آهن. اهو پڻ سامهون آيو آهي تہ هي منصوبو ٻاهرين ملڪ تيار ڪيو ويو جنهن سان پرڏيهي هٿ ملوث هجڻ جا خدشا وڌيڪ مضبوط ٿين ٿا.

اهي ٻئي خبرون گڏ ڪري ڏسجن تہ هڪ واضح تصوير سامهون اچي ٿي: پاڪستان کي دهشتگرديءَ خلاف جنگ ۾ ٻہ محاذ سنڀالڻا پئجي رهيا آهن. هڪ محاذ سفارتي آهي، جتي افغانستان سميت پاڙيسري ملڪن سان لاڳاپن کي حقيقت پسنديءَ سان اڳتي وڌائڻو پوندو. ٻيو محاذ اندروني آهي، جتي شهرن، خاص طور تي ڪراچي جهڙي معاشي مرڪز کي محفوظ رکڻ لاءِ انٽيليجنس بنياد تي ڪارروايون جاري رکڻيون پونديون. بهرحال اهو چئي سگهجي ٿو تہ ڪراچي ۾ وڏي تباهيءَ کي روڪڻ واري ڪاميابي ۽ چين سان گڏ افغانستان تي سفارتي دٻاءُ، ٻئي پاڪستان جي دهشتگرديءَ خلاف جنگ جا اهم پهلو آهن پر هيءَ جنگ اڃا ختم ناهي ٿي. ان لاءِ مستقل مزاجي، علائقائي تعاون ۽ اندروني سطح تي مضبوط رياستي ادارن جي ضرورت آهي جيڪڏهن اهي سڀ عنصر گڏجي ڪم ڪن، تڏهن ئي پاڪستان حقيقي معنيٰ ۾ دهشتگرديءَ جي ناسور کان ڇوٽڪارو حاصل ڪري سگهي ٿو.

لطيفي لات ـــــ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي

گِهڙِي گَهڙو هَٿِ ڪري، اِلاهِي تُهارَ!
جَنگهہ جَرڪي واٽَ ۾ سِيءِ کي سيسارَ؛
چُوڙا ڀِيڙا ڇڪَ ۾، لُڙَ ۾ لُڙهيَس وارَ؛
لَکين ڇُهنِيسِ لوهِٽيُون، تيلهيُون ٽُرنٽُون ڏارَ؛
مِڙيا مَڇَ هزارَ، پاڳا تِيندِي سُهڻِي.
(سُر سهڻي)

علم جي واٽ تي هلندڙ خاموش مسافر!

منصور ڪلهوڙو

سنڌ جي نامياري شاعر اُستاد بخاريءَ چيو هو تہ:

جو قومَ جياري، اهو جيئندو رهندو،
جو عام اُجاري، اهو جيئندو رهندو،
موڻ کي تاريخ ۽ تقديرَ ڏني پَڪ آهي،
جو سنڌ سنواري، اهو جيئندو رهندو.

قوم کي جيارڻ مان مراد علم ۽ شعور سان آشنا ڪرڻ هوندو آهي. ان ڪم جي سهري جو جيترو وزن استاد جي سِر تي هجي ٿو اوترو شايد سماج جي ڪنهن ٻئي فرد تي نہ هجي. ڪجهہ ماڻهو بنا ڏيکاءَ ۽ لپاڙ جي پنهنجي حصي جو خاموشيءَ سان ڪم ڪندا رهندا آهن. سندن مقصد نہ شهرت ماڻڻ هوندو آهي، نہ ئي سندن نگاهہ انعام تي هوندي آهي. اهڙا ماڻهو عمل جي واٽ تي خاموش مسافر وانگر هلندا رهندا آهن. سندن محنتن ۽ لازوال قربانين جا نشان وقت جي سيني تي گهرا پئجي ويندا آهن. ڀلي عام ماڻهوءَ کي اهڙن املهہ هيرن جي پرک نہ هجي پر سُلجهيل ماڻهو ۽ تاريخ جي تارازي انهن جو ملهہ طئي ڪندا آهن.

پروفيسر منير ڊومڪي بہ هڪ اهڙي ئي خاموش پر انتهائي اثرائتي ڪردار جو نالو آهي. سنڌ جي علمي شهر لاڙڪاڻي ۾ جنم وٺندڙ سر منير ڊومڪي هن وقت ٽيچرس ٽريننگ انسٽيٽيوٽ لاڙڪاڻي ۾ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي. هو رڳو هڪ استاد ئي ناهي پر هڪ سنجيده محقق، انگريزي ٻوليءَ جو ليکڪ، مترجم ۽ انگريزي ادب جو پارکو پڻ آهي. سندس تدريس ڪتابي ڄاڻ تائين محدود نہ رهي ٿي پر شاگردن ۾ سوچڻ، سوال ڪرڻ ۽ تنقيدي شعور پيدا ڪري ٿي.

زندگي فاني
۽
فن لافاني
Critical literary Essays
منير ڊومڪي

هن جي شخصيت جو اهم پهلو تحقيق سان وابستگي ۽ علم کي عام ڪرڻ آهي. انگريزي ادب کي سادي، بامقصد سنڌي ٻوليءَ ۾ پيش ڪرڻ، مغربي فڪر کي شاهہ لطيف جي ڏاهپ سان جوڙڻ ۽ ادب کي سماج سان ڳنڍڻ سندس فڪري پختگيءَ جو چِٽو ثبوت آهي. عاجزي، اخلاص ۽ انسان دوستي سندس شخصيت جون نمايان وصفون آهن.

سندس ڪتاب "زندگي فاني، فن لافاني" سنڌي ادب ۾ پنهنجي الڳ ئي فڪري سڃاڻپ رکي ٿو. هن ڪتاب ۾ زندگي، جدوجهد، ڪاميابي، ناڪامي، عشق ۽ عقل جهڙن موضوعن کي اهڙي نہ سادگيءَ سان پيش ڪيو ويو آهي جو پڙهندڙ بنا ڪنهن ڏکيائيءَ جي ڳوڙهي معنيٰ تائين پهچي وڃي ٿو. هي ڪتاب رڳو ادب جو مطالعو نہ پر زندگيءَ بابت نئون فڪري زاويو بہ مهيا ڪري ٿو.

سائين منير ڊومڪيءَ جي ليڪچر سيريز (Sages of Sindh) "موں ذات انوکي آندي" نوجوانن ۾ خاص مقبوليت ماڻي چڪو آهي، جنهن ذريعي هو نامور اديبن کي خراج پيش ڪرڻ سان گڏ نون ليکڪن ۽ شاعرن جي همت افزائي بہ ڪري ٿو. ان کان سواءِ "ريڊرس اڪيڊمي لاڙڪاڻي" ذريعي هو ڪيترن ئي شاگردن کي علم جي واٽ تي اڳتي وڌڻ جو حوصلو ڏئي رهيو آهي.

آمريڪا جي فضائن مان

آمريڪا، وينزويلا ۽ اقتدار جي نئين بساط

راجا زاهد اختر خانزادہ

وينزويلا ۽ آمريڪا جي لاڳاپن جي ڪهاڻي هميشہ تيل، طاقت ۽ شڪ شبهن جي چوڌاري ڦرندي رهي آهي ويهين صديءَ جي وڏي حصي دوران واشنگٽن ۽ ڪاراڪاس وچ ۾ لاڳاپا نسبتاً مضبوط رهيا، خاص طور تي توانائي جي شعبي ۾. آمريڪي پاليسي دستاويزن مان بہ ڏهاڪا اڳ اهو واضح اشارو ملي ٿو تہ وينزويلا سان آمريڪا جي لاڳاپن ۾ پيٽروليم جي اهميت فيصلائتي رهي آهي پر 1999ع ۾ هوگو شاويز جي اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ هي لاڳاپو آهستي آهستي ٽڪراءَ ۾ تبديل ٿيندو ويو.

ان ٽڪراءَ کان اڳ واري دور جي هڪ اهم پر اڪثر نظرانداز ٿيندڙ حقيقت اها هئي تہ وينزويلا ۽ آمريڪا جا لاڳاپا رڳو سفارتي نہ پر گهري معاشي ۽ توانائي مفادن سان ڳنڍيل هئا.

ان دور جي هڪ ٻي اهم پر گهٽ بحث هيٺ ايندڙ حقيقت اها بہ هئي تہ انهن بهتر لاڳاپن جي زماني ۾ وينزويلا جي سرڪاري تيل ڪمپني پنهنجي ذيلي اداري وسيلي آمريڪا ۾ خاص طور تي ٽيڪساس، لوزيانا ۽ الي نواءِ ۾ ڳري خام تيل کي صاف ڪرڻ لاءِ ريفائنريون قائم ڪيون هيون. اهي ريفائنريون ان عملي شراڪت جي علامت هيون، جتي نظرياتي اختلافن جي باوجود معاشي مفاد غالب رهيو. پر 1999ع ۾ هوگو شاويز جي اقتدار ۾ اچڻ ۽ پوءِ واشنگٽن ۽ ڪاراڪاس وچ ۾ لاڳاپن جي خرابيءَ کان پوءِ نہ رڳو سفارتي فاصلا وڌيا پر وينزويلا جو خام تيل انهن آمريڪي ريفائنرين تائين پهچڻ بہ تقريباً بند ٿي ويو. نتيجي طور اهي تنصيبات مڪمل طور بند تہ نہ ٿيون پر جنهن مقصد لاءِ اهي ڊزائين ڪيون ويون هيون، اهو مقصد ختم ٿي ويو.

شاويز پاڻ کي سوشلسٽ ۽ آمريڪا مخالف بيانيي جو علمبردار بڻايو، واشنگٽن تي سازشن جا الزام هنيا ۽ 2002ع ۾ بغاوت جي ڪوشش کان پوءِ ٻنهي ملڪن وچ ۾ بي اعتمادي جي ديوار وڌيڪ اوچي ٿي وئي شاويز 2008ع ۾ آمريڪي سفير کي بہ ملڪ مان ڪڍي ڇڏيو ۽ لفظي جنگ کي عملي سفارتي قدم ۾ تبديل ڪري ڇڏيو.

شاويز کان پوءِ نڪولس مادورو جي دور ۾ هيءَ ڇڪتاڻ وڌيڪ سخت ٿي وئي هڪ طرف ملڪ اندر سياسي جبر، ادارن تي ڪنٽرول ۽ اپوزيشن لاءِ جاءِ جي گهٽتائي ٻي طرف واشنگٽن جون پابنديون ۽ بين الاقوامي دٻاءُ آمريڪي پابندين جو دائرو وقت سان گڏ وڌندو ويو ۽ معاملو رڳو سفارتڪاريءَ مان نڪري معاشي ساهہ بند ٿيڻ تائين پهچي ويو ان دوران وينزويلا جي رياستي مشينري آمريڪا مخالف بيانيي کي اندروني استحڪام لاءِ هٿيار طور بہ استعمال ڪيو، يعني جڏهن بہ معيشت ڪمزور ٿي يا عوامي ڪاوڙ وڌي، دشمن ٻاهر ڳوليو ويو. ان پس منظر ۾ مادورو ۽ سندس زال سيليا فلوريس کي هميشہ اهڙن چهرن طور پيش ڪيو ويو، جيڪي واشنگٽن آڏو ديوار بڻيل آهن اهو ئي سبب آهي جو اڄ جو ڌماڪيدار موڙ يعني آمريڪي ڪارروائي دوران مادورو ۽ سندس زال جي گرفتاري ۽ کين نيويارڪ منتقل ڪرڻ جون خبرون، رڳو هڪ فوجي آپريشن نہ پر هڪ تاريخي نفسياتي زلزلي طور سامهون آيون آهن.

هن آمريڪي ڪارروائيءَ کان پوءِ هڪ ٻيو اهم پاسو آهي قانوني الزام آهن جيڪي صدر نڪولس مادورو ۽ سندس زال سيليا فلوريس تي لاڳو ڪيا ويا آهن هي مقدمو نيويارڪ جي United States District Court for the Southern District of New York ۾ هلي رهيو آهي جيڪا ماضيءَ ۾ ڪيترائي هاءِ پروفائل بين الاقوامي ڪيس ٻڌي چڪي آهي جن ۾ ڊاڪٽر عافيہ صديقيءَ جو مقدمو بہ شامل آهي آمريڪي قانون موجب انهن الزامن جي نوعيت انتهائي سنگين آهي ۽ جيڪڏهن اهي عدالت ۾ ثابت ٿي وڃن تہ مادورو ۽ سندس زال کي ڊگهي مدي واري قيد، بلڪ ڪيترن ڏهاڪن تي ٻڌل سزا جي منهن ڏيڻو پئجي سگهي ٿو.

هاڻي سوال اهو آهي تہ ايترو وڏو آپريشن ايتري درستگيءَ سان ڪيئن ٿيو؟ ۽ آمريڪا کي هر ڳالهہ جو علم ڪيئن هو هتي اخبارن ۽ تجزيي نگار هڪ ئي نڪتي تي اچي بيهن ٿا تہ اهڙي ڪارروائي ڪجهہ ڪلاڪن جي نہ پر مهينن جي منصوبابندي ۽ انٽيليجنس تياريءَ جي گهرج رکي ٿي پاڻ آمريڪي اٽارني جنرل پام بونڊي جي بيان مطابق بہ هيءَ ڪارروائي ڪيترن مهينن جي هم آهنگي ۽ تفصيلي پلاننگ جو نتيجو هئي ٻئي طرف اڳوڻا آمريڪي انٽيليجنس آفيسر ۽ مبصر اشارو ڪن ٿا تہ اهڙي درجي جي "پرفيڪٽ" ڪارروائي ۾ عام طور مقامي سطح تي معلومات جي فراهمي انساني ذريعا ۽ هدف جي حرڪت تي لمحو بہ لمحو اپڊيٽ شامل هوندي آهي ٻي صورت ۾ آپريشن جي ناڪاميءَ جو خطرو وڌي ويندو آهي اهو ئي مقام آهي جتي اصل سوال جنم وٺي ٿو تہ پوءِ اندران ڪير شامل هو؟ اخبارن ۾ هن حوالي سان ٻن قسمن جون ڳالهيون گردش ۾ آهن پهرين ڳالهہ اها تہ آمريڪي ادارن وٽ سيٽلائيٽ، سگنل انٽيليجنس، ڊرون نگراني ۽ علائقائي نيٽ ورڪ موجود آهن جن جي ذريعي هدف جي سڃاڻپ ۽ روزمره حرڪتن جو جائزو ورتو وڃي ٿو ٻي وڌيڪ حساس ڳالهہ اها آهي تہ اهڙي ڪارروائي اڪثر ڪنهن نہ ڪنهن حد تائين اندروني ڪمزوري، ليڪ يا خاموش سهولت کان سواءِ مڪمل نٿي ٿئي پر هن ٻئي حصي ۾ مسئلو اهو آهي تہ هن وقت تائين ڪنهن معتبر ذريعي ڪنهن هڪ فرد يا اداري جو نالو وٺي اهو ثابت ناهي ڪيو تہ فلاڻي ٽرمپ انتظاميا سان ملي رستو هموار ڪيو هن وقت جيڪي ڳالهيون خبرن ۾ آهن سي گهڻو ڪري اندازا آهن: مثال طور سيڪيورٽي ڍانچي مان ڪنهن معلومات ڏني يا ڪو حلقو جيڪو اڳ ئي مادورو کان ناراض هو، آخري لمحي ۾ هٽ ڪٽي ويو يا علائقائي سطح تي ڪنهن ٽئين نيٽ ورڪ آمريڪي پلاننگ کي آسان بڻايو. ان جي مقابلي ۾ وينزويلا جي عبوري قيادت ۽ فوجي حلقا هن ڪارروائيءَ کي 'اغوا' ۽ 'جارحيت' قرار ڏئي اندروني اتحاد پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن

هتي ڊيلسي روڊريگز جو ڪردار مرڪزي حيثيت اختيار ڪري ٿو. گارڊين جي رپورٽ مطابق هن عبوري قيادت سنڀاليندي ئي آمريڪي قدم تي سخت لفظن ۾ تنقيد ڪئي، مادورو سان وفاداريءَ جو اظهار ڪيو ۽ ان کي بين الاقوامي قانون جي خلاف ورزي قرار ڏنو پر ساڳئي وقت هوءَ هڪ اهڙي سنهي رسيءَ تي هلي رهي آهي جتي هڪ طرف فوج ۽ چاويزم جا ناراض وفادار آهن ۽ ٻي طرف واشنگٽن جا مطالبا ۽ آمريڪي طاقت جو سايو ٽرمپ انتظاميا جو اندازو اهو لڳي ٿو تہ روڊريگز هڪ ٽيڪنوڪريٽ ۽ عملي سياستدان آهي، جنهن سان خاص طور تي تيل ۽ رياستي انتظام جي معاملن ۾ ڏي وٺ ممڪن آهي پر ساڳئي لمحي متضاد بيانن جي اهو ڳجهہ کلي ٿو جنهن ڏانهن اوهان بار بار اشارو ڪيو آهي ٽرمپ هڪ طرف چوندي نظر اچي ٿو تہ آمريڪا في الحال وينزويلا کي 'هلائيندو' ۽ شرط آمريڪا طئي ڪندو، ٻي طرف سندس پنهنجي ٽيم جا ڪجهہ اهم ماڻهو هن دعويٰ کان فاصلو رکندي ان کي نرم لفظن ۾ 'ليوريج' ۽ 'ڊائريڪشن' سڏين ٿا. پوءِ ٽرمپ دي اٽلانٽڪ کي انٽرويو ۾ روڊريگز کي کلي ڌمڪي بہ ڏني تہ جيڪڏهن هن 'صحيح قدم' نہ کنيو تہ کيس مادورو کان بہ وڏي قيمت ادا ڪرڻي پوندي. ان جي ابتڙ روڊريگز جي تقرير ۽ وينزويلا جي دفاعي وزير ولاديمير پادرينو جي بيان مان اهو پيغام ملي ٿو تہ رياستي ڍانچو اڃا نہ ٽٽو آهي، فوج عبوري قيادت جي پٺيان بيٺل آهي ۽ سڀ ڪجهہ "قومي خودمختياريءَ" جي دفاع جي نالي تي منظم ڪيو پيو وڃي.

هاڻي اچون ٿا سڀ کان اهم سوال ڏانهن تہ مارجي ويلن جو انگ ڇو لڪايو پيو وڃي ۽ حڪومت واضح انگ ڇو نٿي ڏئي؟ رائٽرز موجب وينزويلا جي دفاعي وزير چيو تہ مادورو جي سيڪيورٽي ٽيم جو وڏو حصو ۽ ٻيا ماڻهو مارجي ويا، پر هن تعداد نہ ٻڌايو گارڊين جي لائيو رپورٽنگ ۾ گهٽ ۾ گهٽ 40 ڄڻن جي مارجي وڃڻ جو ذڪر سامهون آيو. پوءِ ڪجهہ رپورٽون، جيڪي نيويارڪ ٽائمز جي حوالي سان اڳتي وڌيون، 80 تائين فوتگين جو ذڪر ڪن ٿيون، پر وينزويلا طرفان اڃا تائين ڪا جامع سرڪاري فهرست يا حتمي انگ ظاهر ناهي ڪيو ويو. هن 'خاموشيءَ' پٺيان اخبارن تي ممڪن سبب ٻڌائين ٿيون: پهريون، اندروني نظم و ضبط، ڇو تہ وڏي نقصان جي تسليم ٿيل تعداد فوج ۽ رياستي ادارن ۾ گهٻراهٽ ۽ بغاوت جو خطرو وڌائي سگهي ٿي ٻيو، بين الاقوامي دٻاءُ، ڇو تہ جيڪڏهن شهري مارجي وڃڻ واضح ٿئي تہ قانوني ۽ اخلاقي محاذ وڌيڪ سخت ٿي سگهي ٿو ٽيون، عملي سبب، ڇو تہ حملن کان فوراً پوءِ درست ڳڻپ ۽ سڃاڻپ جو عمل پاڻ بہ ڏکيو هوندو آهي پر هتي اهو تاثر غالب آهي تہ سياسي مصلحت معلومات کي وڌيڪ ڍنلو رکيو آهي

هاڻي سوال اهو بچي ٿو تہ اصل اندروني ڳالهہ ڇا آهي ۽ اها ڪڏهن سامهون ايندي، اندروني ڳالهہ جا ٻہ رخ آهن پهريون آمريڪي رخ جيڪڏهن واقعي واشنگٽن جو مقصد "ريجيم چينج" سان گڏ تيل جي شعبي ۾ توان شرط ۽ منشيات جي بيانيي هيٺ ڪنٽرول مضبوط ڪرڻ آهي تہ ايندڙ ڪجهہ ڏينهن ۾ آمريڪي ڪانگريس کي ڊٽيل بريفنگز، عدالتي ڪارروايون ۽ حڪومتي دستاويزن مان ان جو عملي خاڪو ظاهر ٿيندو گارڊين جي رپورٽنگ موجب ڪجهہ آمريڪي اهلڪار پاڻ بہ "اسان وينزويلا هلائي رهيا آهيون" واري ڳالهہ کان پوئتي هٽندي نظر آيا، جنهن مان لڳي ٿو يا تہ منصوبو اڃا مڪمل طور واضح ناهي يا زبان ڄاڻي واڻي ڍنلي رکي پئي وڃي تہ جيئن ردعمل گهٽ رهي ٻيو رخ وينزويلا جو آهي جيڪڏهن اندر کان ڪنهن سهولت ڏني بہ آهي تہ اها ڳالهہ فوراً ظاهر نہ ٿيندي، ڇو تہ اهڙي ڪردار جو سامهون اچڻ سڄي نظام جي اندروني ٽوڙ ڦوڙ کي وڌڪو ڪري ڇڏيندو عام طور اهڙيون حقيقتون ٽن هنڌن تان ظاهر ٿينديون آهن: هڪ، عدالتي بيانن ۽ شاهدين مان ٻيو انٽيليجنس يا تحقيقاتي رپورٽن جي ليڪ ٿيڻ سان ٽيون، اقتدار جي اندروني جنگ مان، جڏهن ڪو ڌڙو ٻئي کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ راز ظاهر ڪري ٿو ان ڪري "اصل اندروني ڳالهہ" فوري تہ پر شايد عدالتي عمل، ڪانگريسي نگراني يا وينزويلا جي اندر ايندڙ پاور اسٽرگل جي مرحلي ۾ سامهون ايندي.

هاڻي وينزويلا جو مستقبل ڇا ٿي سگهي ٿو اخبارن جي رخ مان ٽي وڏا منظرناما سامهون اچن ٿا پهريون، اهو تہ ڊيلسي روڊريگز عملي سمجهوتو ڪري اقتدار جي ڍانچي کي بچائيندي آمريڪا سان تيل ۽ سيڪيورٽي جي شرطن تي 'ڪنٽرولڊ' تعاون طرف وڃي جنهن کي گارڊين 'ٽائيٽ روپس' قرار ڏئي ٿو ٻيو منظرنامو اهو تہ فوج يا طاقتور اندروني عنصر ڪنهن موڙ تي روڊريگز کي ڪمزور سمجهي هٽائي ڇڏين ۽ ڪو سخت گير چهرو سامهون اچي جنهن کان پوءِ آمريڪا وڌيڪ طاقت استعمال ڪرڻ جي ڌمڪي ڏئي يا ٻي لهر جي ڳالهہ ڪري ۽ ملڪ گهرو جنگ جي ويجهو پهچي وڃي ٽيون منظرنامو اپوزيشن جو آهي جتي ماريا ڪورينا ماچاڊو ۽ ايڊمنڊو گونزالز جهڙا نالا موقعو ڏسي رهيا آهن پر گارڊين جي رپورٽنگ موجب ٽرمپ هن مرحلي تي اپوزيشن بدران روڊريگز کي ترجيح ڏئي اهو اشارو ڏنو آهي تہ واشنگٽن هن وقت "انقلاب جي ڍانچي" کي ٽوڙڻ بدران ان کي پنهنجي مفاد مطابق موڙڻ چاهي ٿو گهٽ ۾ گهٽ شروعاتي مرحلي ۾. هتي معيشت ۽ تيل جو عنصر فيصلائتو آهي دنيا ڄاڻي ٿي تہ وينزويلا وٽ تمام وڏا تيل جا ذخيرا آهن پر صنعت سالن جي بدانتظامي، ڪرپشن ۽ پابندين سبب ڪمزور ٿي چڪي آهي ايسوسيئيٽڊ پريس موجب تيل جي بحالي فوري ناهي ان لاءِ وڏي پيماني تي سيڙپڪاري، قانوني تحفظ ۽ سياسي استحڪام گهربل آهي ۽ اهو ڏهاڪن جو ڪم ٿي سگهي ٿو ان ڪري ٽرمپ جي بيانن ۾ جيڪا "اسان تيل واپس آڻينداسين" واري ڳالهہ ٻڌجي ٿي اها زميني حقيقتن سان ٽڪراءَ ۾ آهي ۽ انهيءَ ٽڪراءَ ۾ مستقبل جي ڏند لڪل آهي انهيءَ ڏند ۾ سڀ کان وڏي حقيقت اها آهي تہ وينزويلا هاڻي رڳو اندروني سياست جو مسئلو ناهي رهيو اهو علائقائي سلامتي، بين الاقوامي قانون ۽ 'طاقت جي حق' بابت نون سوالن جو ميدان بڻجي چڪو آهي گارڊين جي لائيو ڪوريج ۾ مختلف ملڪن جي ردعمل ۽ گڏيل قومن جي ڳڻتيءَ جو ذڪر بہ انهيءَ طرف اشارو ڪري ٿو تہ دنيا هن کي هڪ خطرناڪ مثال طور ڏسي رهي آهي آخر ۾ جيڪڏهن سڄي صورتحال جو نچوڙ ڪڍجي تہ نتيجو هي نڪري ٿو: آمريڪا ۽ وينزويلا جا لاڳاپا پهرين مفادن تي ٻڌل هئا، پوءِ شاويز کان پوءِ نظرياتي جنگ بڻيا، پوءِ مادورو جي دور ۾ پابندين ۽ بحران جي صورت اختيار ڪئي ۽ هاڻي اهڙي ڪارروائيءَ کان پوءِ هڪ نئين دور ۾ داخل ٿي چڪا آهن. جتي بيانيو بہ متضاد آهي ۽ طاقت بہ بي نقاب. ڊيلسي روڊريگز ظاهري طور انڪار ڪري رهي آهي پر کيس نظام بہ بچائڻو آهي ۽ واشنگٽن جي شرطن کان بہ پاڻ کي بچائڻو آهي ٽرمپ هڪ ئي وقت "مان هلائي رهيو آهيان" بہ چوي ٿو ۽ "نہ مڃيو تہ قيمت ادا ڪندؤ" بہ چوي ٿو جڏهن تہ سندس ٽيم جا ڪجهہ ماڻهو لفظن کي نرم ڪري خطري کي گهٽ ڏيکارڻ چاهين ٿا مارجي ويلن جي انگ تي خاموشي انهيءَ ڪري آهي جو انگ رڳو انگ ناهي اهو اقتدار جي دعويٰ ۽ اخلاقي شڪست جو پيمانو بڻجي وڃي ٿو ۽ اندروني ڳالهہ ڪڏهن سامهون ايندي؟ ان جو جواب اهو ئي آهي تہ جيئن ئي عدالتون، وينزويلا جا اندروني ڌڙا پنهنجي پنهنجي جنگ ۾ ايندڙ پتو ڪيڏندا، راز بہ سامهون اچڻ شروع ٿي ويندا

گهوٽ نئون، ڇڄ پُراڻي!

مير اعظم علي ٽالپر

دنيا ۾ هر سال 31 ڊسمبر جي اڌ رات جو 12 وڳي 'موجوده' يا 'هلندڙ' سال کي الوداع چئي هڪ ٻئي نئين سال جو 'شاندار استقبال' ڪيو ويندو آهي ۽ وري اُن سال کي 365 ڏينهن (12 مهينن) بعد بہ خدا حافظ چيو ويندو آهي ۽ ائين 'آيو ۽ ويو' جي بنياد تي سال ايندا ۽ ويندا رهيا آهن ۽ جيستائين هي دنيا ۽ جهان باقي آهي تہ اُهو سالن جو بہ سلسلو جاري ۽ ساري رهندو راقم واضح ڪري تہ هڪ نئين ۽ پُراڻي سال جي باري ۾ هوش سنڀالڻ کانپوءِ پهريون دفعو بابا ۽ سردار (مرحومن) جي وچ سال جي متعلق گفتگو دوران ٻڌو هو، جيڪي پاڻ ۾ هن طرح سان چئي رهيا هئا تہ بس ڊسمبر جا آخري ڏينهن آهن اسڪولن کي ناتال جون موڪلون ٿيڻ واريون آهن سال ويو اچهو نئون سال ۽ جنوري جو مهينو آيو کي آيو ۽ جنوري ۾ سيءُ ساڙ ڪندو ۽ رات جو پارو پوندو (وسندو) آسمان تي تارن وارو هر شڪل پٿون (وچون) ٽنگ ڪندو ۽ سخت سياري جي راتين جو سلسلو ڪجهہ راتيون هلندو ۽ پوءِ فجر وقت اوڀر طرف کان تارن وارو اهو ميڙ ڏيکاريندو هو، پر هاڻ اردو گاني 'مگر اب وہ زمانہ کهان' جيان اهڙي ڪا بہ ڳالهہ والدين نٿا ٻڌائين ۽ نہ ڪو ٻڌي ٿو حالانڪ 1970ع واري ڏهاڪي کانپوءِ بہ ملڪ جي وڏن شهرن ڪراچي ۽ لاهور ۾ نئين سال جي آمد جو جشن دنيا جي ٻين ملڪن وانگر ملهايو ويندو هو، جتي نائيٽ ڪلب، ڊانس بار جا گهر هوندا هئا ۽ بلڪل جيئن دنيا ۾ نئين سال جي شروعات نيوزيلينڊ جي شهر آڪلينڊ کان ٿيندي ۽ پوءِ سڊني ۾ استقبال ٿيندو آهي ائين ممبئي ۾ بہ نئين سال جي جشن کي موج ۽ مستيءَ سان ملهايو ويندو آهي اڳاٽي زماني ۾ ڪراچي ۽ لاهور جهڙن وڏن شهرن ۾ بہ اهڙي جوش ۽ خوشي سان نئون سال ملهائڻ جي ابتدا ٿيندي هئي پر پوءِ حڪومت ۽ حالتن جي ڦير گهير سبب نئين سال جي روشنين جو ڏيئو اجهائي ڇڏيو ۽ هاڻ تہ اُن ڏيئي وسامڻ کانپوءِ تہ هر سال 31 ڊسمبر جي شام جو سج لهڻ شرط نئين سال جو جشن ملهائڻ وارن مٿان سرڪار جي اصل ائين لٺ پئي ڦرندي آهي جيئن فصل تان جهار پئي هڪلبي آهي حالانڪ نئون سال دنيا جي مختلف ملڪن ۾ هر ملڪ جو نئين سال طور پنهنجو مذهبي عقيدي موجب آهي پر جشن عيسوي ڪئلينڊر جو ٿئي ٿو سال 2025ع بہ پنهنجا 12 مهينا جوڳ ٿئي 365 ڏينهن پورا ڪري هليو ويو ۽ ائين ملڪ ۾ 79هين نئين سال جو آغاز پاءِ 31 ڊسمبر ۽ پهرين جنوري جي وچ رات جو پاڪستان جي معيار وقت مطابق 'سليماني' چانهہ (بنا کير) جيان هوائي فائرنگ جي ٺڪا ٺوڪي سان ڪيو ويو، جيتوڻيڪ نئين سال جو جشن ملهائڻ وقت سوال اِهو بہ آهي تہ جنهن هڪ نئين سال کي دنيا ۾ هر سال خوشيءَ طور ملهايو وڃي ٿو، حقيقت ۾ اُن جو مطلب اهو ٿيو تہ زندگيءَ جو هڪ سال گهٽ ٿي ويو، اهڙي حالت ۾ تہ ڏک جو احساس هئڻ گهرجي البتہ عيسوي نئين سال جو ڪو تہ پيغام بہ هوندو جيڪو عيسائي مذهب جي ايجاد آهي جيڪي قديم زماني کان عقيدي موجب حضرت عيسيٰ ع جي پيدائش طور ملهائين ٿا هن سال 2025ع ويندي ويندي 31 ڊسمبر جي رات موڪلائڻ وقت سنڌ جي مٿان هڪ رحمت جي برسات وسائي پوءِ ويو، اُن برسات جو وڏو فائدو سنڌ ۾ پوکيل ڪڻڪ جي فصل کي تمام گهڻو ٿيندو ۽ باغن ۾ انبن جا وڻ بہ ڌوپي صاف ٿيڻ سبب بيماري کان محفوظ رهندا جڏهن تہ ٻين جي فروٽ کي نہ نقصان نہ فائدو رهندو. البتہ انهيءَ موضوع تي وڌيڪ روشني زرعي ماهر سائين مثل جسڪاڻي وجهي سگهي ٿو، اُميد تہ بارش ۽ فصل جي فائدي ۽ نقصان تي سائين مثل جسڪاڻي لکندو. بهرحال ختم شده ٿيل سال دنيا وارن کي خوشي ۽ غم ڏئي ويندي ويندي پنهنجن اڳوڻن سالن جي سليماني روايت مطابق پنهنجي نئين پٽي پاڻي 2026ع جي ڪلهن تي دنيا جي مسئلن جي هڙ رکي پاڻ هليو ويو ۽ هاڻي 2026ع ڄاڻي ۽ دنيا وارا ڄاڻين اهو سلسلو سالن کان ائين هلندو رهيو آهي ۽ ائين ئي هلندو رهندو، جيستائين هن فاني دنيا جو چرخو ڦرندو رهندو. البتہ اڳ ننڍي هوندي سال جي اچڻ ۽ وڃڻ جي ڪا خاص خبر نہ هوندي هئي ۽ سال بہ وڏو محسوس ٿيندو ۽ هڪ سال کان ٻيو سال ايندي ۽ ويندي جي وچ ۾ گهڻو عرصو لڳندو هو پر هاڻ تہ سال اچي ٿو ۽ وڃي ٿو ويو فقاقت سال گذرندي دير ئي نٿي لڳي جيتوڻيڪ سال جي 365 ڏينهن دوران اهنج تڪليفون بہ اينديون رهن ٿيون. ننڍي عمر ۾ سال جي پهرئين مهيني لاءِ مشهور هوندو تہ 'جنوري سيءُ جي پري' اُن ڪري مال چارڻ وارن (مينهن ٻڪرين وغيره) لاءِ پهاڪا ڏنا ويندا هئا، ڇو تہ مال ڪاهي صبح جو سياري جي جنوري واري سردي ۽ جهنگ ۾ وڃڻ آسان ڪم نہ هوندو هو، اُن ڪانسواءِ اڄڪلهہ واري ماحولياتي تبديلي سبب جنوري ۾ رُوحيون بہ نہ ٿيون ٿين اڳ واري زماني ۾ جنوري ۾ روحي جي برسات ۽ سخت سيءُ ٿيندا هئا ۽ مال چارڻ پريشان ٿيندا هئا. جنوري ۽ سيءُ جي حوالي سان پوڙهن ۽ ٻچن ۾ خوف، ڊپ گهڻو هوندو آهي، اُن ڪري هر ڪو وڏي عمر وارو سياري جي سردي خاص ڪري جنوري جي مهيني ۾ پريشان هوندو آهي. بهرحال راقم جو مامو مير حسن ٽالپر جيڪو سال جي واقعن ۾ دلچسپي رکندو هو، اهو جنوري جي باري ۾ ٻڌائيندو هو تہ جڏهن هو ملڪ جي ورهاڱي کان اڳ اسڪول ويندي شهر ۾ هڪ نابين سيٺ جي دڪان تي واپسي ۾ ايندي پاڻي پيئندا هئا تہ اهو سيٺ اڪثر اسڪولي شاگردن کان پاڻي پيئڻ وقت پڇندو هو تہ 'ابا ڇوڪرا اڄ جنوري سيءُ جي پري مهيني جي ڪهڙي تاريخ آهي؟' اُن ڏينهن جيڪا بہ تاريخ هوندي هئي اها گهڻو ڪري اُنون ٻڌائيندو هئس تہ چاچا سيٺ اڄ جنوري جي فلاڻي 'هي' تاريخ آهي اها تاريخ ٻڌڻ کانپوءِ اهو سيٺ چوندو هو تہ بابا اسان پوڙهن لاءِ اهو جنوري جو مهينو خطرناڪ آهي، ڇو تہ هن مهيني ۾ جنوري جي سردي واري سيءُ ۾ گهڻا پوڙها، جهونا وڏي عمر وارا پيالو پي ڪري هليا ويندا اُن ڪري بابا مون کي انهيءَ جنوري جي روزانو تاريخ ٻڌائيندا وڃو بس جنوري خير جو خيرن سان گذري تہ پوءِ اصل نوان جاوائسين اهڙي ريت اسڪول مان واپسي ۾ ايندي پاڻي پيئندي سيٺ کي جنوري جي تاريخ روزانہ ٻڌائڻ جو ڪم فرض بڻجي ويو هو، بهرحال جنوري، فيبروري ۽ مارچ جا مهينا گذري ويا، اپريل جو مهينو شروع ٿيڻ سان هوا گرم ٿيڻ لڳي ۽ اسان اسڪول مان موٽندي اُن سيٺ جي دڪان تي پاڻي بدستور پيئندا هئاسين پر هاڻ سيٺ جنوري ۽ سياري وارا مهينا گذري وڃڻ سبب تاريخ پڇڻ بند ڪري ڇڏي هئي، اپريل مهيني جي ڪا آخري تاريخ هئي ۽ اسان صبح اسڪول وڃي رهيا هئاسين تہ سيٺ جي دڪان کي تلو لڳو پيو هو ۽ دڪان بند هو، اوچتو اسڪول ۾ خبر پئي تہ اهو دڪان وارو سيٺ رات پيٽ ۾ سور جي تڪليف ٿيڻ سبب گذاري ويو آهي جڏهن موڪل ڪانپوءِ اسڪول مان سيٺ جي دڪان وٽ پهتاسين تہ دڪان بند پيو هو، حالانڪ سيٺ سياري جي سردي ۽ جنوري جي سيءُ کان ڊڄندو هو تہ متان سياري جي سيءُ ۽ جنوري ۾ گذاري نہ وڃان پر اونهارو ايندي اپريل جي گرم موسم ٿيندي جهان ڇڏي ويو، بهرحال زندگي ۽ موت الله جي هٿ ۾ آهي نئون سال ۽ نئين سال جو جشن هڪ لحاظ کان انگريزن جي غلامي واري ورثي ۾ مليل نشاني آهي. جيڪا هر سال دهرائي وڃي ٿي اڳوڻي ماضي جي پراڻن ٻين سالن وانگر ڇهہ ڏينهن اڳ سال 2025ع بہ دنيا وارن انسانن کي ڪجهہ ڪٿيون تہ مٺيون يادون ڏئي هميشہ لاءِ موڪلائي ويو، هي سال سنڌ واسين لاءِ مناسب هو البتہ امن امان، حادثا، اغوا جا واقعا ٿيندا رهيا. هاڻ نئون سال جنهن جي اڄ ڇهين تاريخ آهي، اُن ڪري اڃا بلڪل نئون سال هڪ گهوٽ جيان آهي، ڇو تہ نئين ڪنوار بہ گهٽ ۾ گهٽ نوَ ڏينهن تائين هوندي آهي. هي نئون سال 2026ع بہ شاندار استقبال سان دنيا وارا دنيا ۾ وٺي آيا آهن هر نئين سال کي هڪ نئين گهوٽ جيان دنيا ۾ پليڪار ڪري آندو ويندو آهي، هن نئين سال کي بہ هڪ نئين گهوٽ جو درجو ڏئي پاڻ وٽ آندو ويو آهي هن نئين سال کي بہ هڪ نئين گهوٽ جو درجو ڏئي پاڻ وٽ آندو ويو آهي. پر اُن لاءِ اِهو واضح چئي سگهجي ٿو تہ 'گهوٽ نئون ڇڄ پراڻي' ڇو تہ گهوٽ معنيٰ ۽ مطلب تہ سال نئون آهي پر اُن جي ڇڄ وري بہ ساڳي پراڻي آهي، ڇو تہ 12 مهينا ساڳيا جنوري کان ڊسمبر جا آهن ۽ مهينن جا ساڳيا هفتا آهن ۽ وري هفتي جا ڏينهن بہ ساڳيا ئي آهن اهڙي ريت سال جي 365 ڏينهن جا نالا سومر کان آچر پراڻي سال 2025ع وارا آهن اُن ڪري صرف گهوٽ نئون باقي بقيان ڇڄ وري بہ ساڳي آهي اُن ڪري سال جو ڪئلينڊر بہ ڪهڙو تبديل ٿيو آهي، صرف هڪ انگ تبديل ٿيو آهي، 5 مان 6 (انگ) ٿيو آهي. بهرحال 2026ع جي اڄ اڱارو ڇهين تاريخ آهي حال في الحال ڪجهہ ڏينهن هن کي نئون سال لکيو ۽ پڙهيو ويندو ۽ اُن کانپوءِ 'هلندڙ سال'، موجوده سال ۽ روان سال جهڙا نالا 2026ع کي ڏيندي سندس آخري نالو رکيو ويندو ختم ٿيندڙ سال 2026ع. بهرحال في الحال تہ 2026ع 'گهوٽ نئون ڇڄ پراڻي' ميدان ۾ اچي چڪو آهي.

اڄوڪو ڏينهن 06 جنوري


مختيار اڄڙ

سيد پناهہ علي شاهہ



اڄوڪو ڏينهن سنڌ جي مشهور تعليمدان سيد پناهہ علي شاهہ جي جنم جو ڏينهن آهي سندس ولادت باسعادت 6 جنوري 1914ع تي لاڙڪاڻي ويجهو دوائي ڳوٺ ۾ ٿي پاڻ اڃا سال کن جو مس هو جو سندس والد سيد اميد علي شاهہ وفات ڪئي، انڪري سندس ننڍپڻ ڪافي غربت ۾ گذريو. پاڻ ابتدائي تعليم لاڙڪاڻي جي سرائي شاهہ محمد پرائمري اسڪول مان ۽ مئٽرڪ مدرسي هاءِ اسڪول مان پاس ڪيائين بي اي جي سند علي ڳڙهہ يونيورسٽيءَ مان ۽ ايم اي جي ڊگري بمبئي يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين ان کان علاوه بي ٽي جو امتحان علي ڳڙهہ مسلم يونيورسٽيءَ مان، تجرباتي نفسيات جو سرٽيفڪيٽ پنجاب يونيورسٽي لاهور مان ۽ انتظامي سکيا جو هڪ ڪورس ميلبورن يونيورسٽي آسٽريليا مان حاصل ڪيائين پاڻ عملي زندگيءَ جي شروعات ناز هاءِ اسڪول خيرپور ميرس ۾ استاد جي حيثيت سان ڪيائين اڳتي هلي مختلف عهدن تي ڪم ڪيائين جن ۾ پرنسيپال ٽريننگ ڪاليج خيرپورميرس، پرنسپال ناز هاءِ اسڪول، لاهور، راولپنڊي، پشاور ۽ ڪراچيءَ ۾ انسپيڪٽر آف اسڪولس ۽ ڊپٽي ڊائريڪٽر آف ايجوڪيشن لاهور جا عهدا شامل آهن شاهہ صاحب سنڌ يونيورسٽيءَ جي رجسٽرار، بيورو آف ڪريڪيولم حيدرآباد جي پهرئين ڊائريڪٽر ۽ ڊائريڪٽر آف ايجوڪيشن حيدرآباد طور پڻ خدمتون سرانجام ڏنيون آخر ۾ پنجن سالن تائين سنڌ جي تعليم واري سيڪريٽريءَ طور ڪم ڪيائين 13 ڊسمبر 2000ع تي حيدرآباد ۾ وفات ڪيائين سندن تعليمي خدمتن جي اعتراف ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي ڄامشوري واري ماڊل اسڪول کي سيد پناهہ علي شاهہ ماڊل اسڪول نالو ڏنو ويو.

هيرو شيوڪاڻي



اڄوڪو ڏينهن سنڌي ٻوليءَ جي برک ليکڪ ۽ تعليمي ماهر هيرو شيوڪاڻيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي سندس جنم 6 جنوري 1925ع تي سجاول ضلعي جي مشهور شهر چوهڙ جمالي ۾ ٽيڪمداس شيوڪاڻيءَ جي گهر ۾ ٿيو اڃا ڇهين ڪلاس جو شاگرد هو تہ هندستان جو ورهاڱو ٿيو ۽ ٻين

گاڏيدام جي ٽولائي ڪاليج ۾ سيڪريٽريءَ طور خدمتون سرانجام ڏنائين هن 1954ع ۾ هڪ ڪهاڻيڪار طور ادبي ڪيتر ۾ پير پاتو 1967ع ۾ پنهنجي ڪجهہ هم خيال دوستن سان گڏجي ادبي رسالو چوليون شايع ڪرڻ شروع ڪيائين هو سنڌي، هندي ۽ انگريزي ٻولين جو وڏو ماهر هو سندس لکيل ڪتابن ۾ جدت جو مفهوم ۽ سنڌي ڪهاڻي (1975ع)، جاٽڙو (1982ع)، زندگي ۽ ڪيڪٽس (1981ع)، نقطہ نظر (1992ع)، لوڪ لهوارو وهي تون اڄوڪو اوپار (2003ع)، سرجن جو سنگٽ ۽ سنڌي ڪهاڻي (2005ع)، سنڌي ناول ڪٿهڙي ۾ (2012ع)، ادب جا معيار ۽ سنڌي ادب (2013ع) ۽ سنڌ جي ادبي تاريخ (ترجمو 1997ع) شامل آهن ڪيس 2004ع ۾ پنهنجي اباڻي وطن سنڌ گهمڻ جو موقعو مليو هن گلاب جي گلن جو ديس نالي پنهنجو سفرنامون لکيو هو لاڳيتو ڏهہ سال ساهتيہ اڪيڊميءَ جي مرڪزي صلاحڪار بورڊ جو ميمبر رهيو هو سنڌي ساهتيہ اڪيڊمي مهاراشٽر جو بہ ڇهن سالن تائين ميمبر رهيو. سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي هن سڄڻ 30 جولاءِ 2021ع تي پرلوڪ پڌاريو.

حامد علي خانائي

ڊاڪٽر حامد علي خانائيءَ جو شمار سنڌ جي برک اديبن ۽ تحقيقدانن ۾ ٿئي ٿو. پاڻ 6 جنوري 1934ع تي ڪنڊياري تعلقي جي مشهور شهر ڀلائيءَ ۾ هڪ علمي ۽ ادبي گهراڻي ۾ اکيون کوليون. هن اسلامي تعليم، سنڌي ۽ فارسيءَ جا ابتدائي سبق پنهنجي ڏاڏي قاضي ميان امام بخش قريشيءَ جي مدرسي ۾ پڙهيا. مئٽرڪ جو امتحان لوڪل بورڊ هاءِ اسڪول مان پاس ڪيائين انهيءَ اسڪول کي هاڻي ايڇ ايم خواجا هاءِ اسڪول ڪوٺيو وڃي ٿو 1965ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان سنڌي ادب ۾ ايم اي ۽ 1986ع ۾ ساڳي يونيورسٽيءَ مان پي ايڇ ڊي جي سند حاصل ڪيائين عملي زندگيءَ جي شروعات اسڪول ۾ استاد جي حيثيت سان ڪيائين 1975ع ۾ سنڌيءَ جو ليڪچرار بڻجي ڪاليجي شاگردن کي سنڌي پڙهائڻ شروع ڪيائين ۽ 1994ع ۾ اسسٽنٽ پروفيسر طور رٽائر

گلاب چانڊيو



اڄوڪو ڏينهن اسان کي مشهور اداڪار گلاب چانڊيي جي ياد ڏياري ٿو جنهن جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1958ع ۾ شهيد بينظيرآباد جي ڳوٺ شهمير چانڊيي ۾ ٿيو هو. سندس اصل نالو غلام محمد هو. پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان ۽ ميٽرڪ نواب شاهہ مان پاس ڪيائين. 1974ع ۾ خوراڪ کاتي ۾ ڪلارڪ مقرر ٿيو پر 1978ع ۾ واپس پنهنجي ڳوٺ جا وڻ اچي وسايائين. جڏهن شهيد ذوالفقار علي ڀٽي کي ڦاسيءَ جي سزا ڏيڻ جو اعلان ٿيو تہ احتجاج ڪرڻ تي هن کي گرفتار ڪري جيل اماڻيو ويو. 1982ع ۾ پاڪستان ٽيليويزن ڪراچي سينٽر تي اداڪاري ڪرڻ شروع ڪيائين ۽ ٿوري ئي عرصي ۾ سنڌ جو مقبول ترين اداڪار بڻجي ويو. هن ٽيليويزن جي ڪيترن ئي سنڌي ۽ اردو ڊرامن ۾ يادگار ڪردار ادا ڪيا، جن کي اڄ ڏينهن تائين ياد ڪيو وڃي ٿو. هن سنڌي فلم "دشمن" ۽ "محب شيدي" ۽ اردو فلم "سرگم" ۾ پنهنجي اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريا. گلاب چانڊيي کي سياست سان بہ چڱي خاصي دلچسپي هئي ۽ هن ڪراچي ۽ شهيد بينظيرآباد مان عام چونڊن ۾ حصو ورتو پر ڪامياب نہ ٿي سگهيو. 2016ع ۾ سندس فني خدمتن جي مڃتا طور کيس پاڪستان حڪومت پاران حسن ڪارڪردگيءَ جو تمغو عطا ڪيو ويو. هن نالي واري اداڪار 18 جنوري 2019ع تي دم ڌڻيءَ حوالي ڪيو.

ممتاز مرزا

سنڌ جي هن برک اديب جو جنم 29 نومبر 1939ع تي حيدرآباد ۾ ٿيو. سندس والد مرزا گل حسن احسن ڪربلائي بہ سنڌي ادبي دنيا جو هڪ وڏو نالو آهي. پاڻ ننڍي ڄمار ۾ ئي ريڊيو

اسڪرپٽ ڊائريڪٽر طور ڪم ڪرڻ شروع ڪيائين. هن ٽيليويزن جي ڪيترن ئي پروگرامن جي ميزباني ڪئي. سندس پروگرام پارکو ڏسندڙن ۾ ڪافي مقبول رهيو. پاڻ پاڪستان ٽيليويزن لاءِ ڪيترائي ڊراما لکيا، جن ۾ واٽون ۽ ٽيڻ، آخري رات، ستارن ڀري رات ۽ ٻيا شامل آهن. سندس لکيل ڪتابن ۾ وساريان نہ وسرن، سپيريان سنڌي ڳالهڙي ۽ سدا سوئيتا ڪاپڙي شامل آهن. عمر جي آخري حصي ۾ سنڌ جي ثقافت واري کاتي ۾ ڊائريڪٽر جنرل طور خدمتون سرانجام ڏنائين. هن ڀلاري ڀٽ ڌڻيءَ جي گنج واري نسخي کي جديد سنڌي صورت خطيءَ ۾ ترتيب ڏنو. هن سنڌ جي ڪيترن ئي لوڪ فنڪارن ۽ فن سان لاڳاپيل ماڻهن کي دنيا جي مختلف ملڪن ۾ سرڪاري طور تي متعارف ڪرايو. سنڌ جي هن نالي واري اديب 6 جنوري 1997ع تي هن جهان کي هميشہ هميشہ لاءِ الوداع چيو. سندس ادبي ۽ ثقافتي خدمتن جي اعتراف طور پاڪستان سرڪار سندس وفات کان پوءِ 14 آگسٽ 1997ع تي سندس لاءِ حسن ڪارڪرگيءَ جي تمغي جو اعلان ڪيو. ان کان علاوه هن لطيف، سچل ۽ قلندر شهباز ايوارڊ سميت ڪيترائي تمغا حاصل ڪيا. سندس آخري آرام گاهہ حيدرآباد جي قديم پاڙي ٽنڊي آغا واري تاريخي قبرستان ۾ آهي.

پروفيسر بيدار جعفري

هن نامور قلمڪار، صحافيءَ ۽ تعليمي ماهر لاڙڪاڻي ضلعي جي باڊهہ شهر ۾ 2 جنوري 1966ع ۾ پنهنجي زندگيءَ جو سفر شروع ڪيو. سندس اصل نالو ديدار علي جعفري هو. هن اردو ادب ۾ ايم اي جي سند حاصل ڪئي ۽ ڪاليج جي ليڪچرار طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي ابتدا ڪئي. اڳتي هلي ايسوسيئيٽ پروفيسر جو عهدو ماڻيائين. جيتوڻيڪ هن عمر جو گهڻو حصو ڪراچي ۽ ان جي آسپاس وارن ڪاليجن ۾ نوڪري ڪئي پر پنهنجي جنم واري شهر سان سندس روح جڙيل رهيو. هن پنهنجي هم خيال دوستن سان ملي باڊهہ ۾ پهريائين "باڊهہ ٽرسٽ فورم" ۽ بعد ۾ "باڊهہ ڊولپمينٽ سوسائٽي" نالي سماجي تنظيمن جو بنياد رکيو. هن "باڊهہ بوند بهار" نالي سان هڪ ڪتاب پڻ لکيو. هو سنڌي ادبي سنگت ڪراچي پيريءَ جو جنرل